مرتب
عبدالجبار جوڻيجو
محمد قاسم ٻگهيو

# بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس

سنڌي شعبو - سنڌ يونيورسٽي - فيبروري ١٩٨٨ع

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ

# نرتي تند نياز سين

سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي پاران ٢، ٣ ۽ ٤ فيبروري ١٩٨٨ع

تي منعقد ڪيل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي خاص اشاعت

# نرتي تند نياز سين

مرتب:

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

۽

محمد قاسم ٻگهيو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد، سنڌ.

١٤٠٨ھ/١٩٨٨ع

چاپو پهريون  فيبروري ١٩٨٨ع  تعداد ٥ هزار ڪاپيون

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]
[ [redacted] ]

40x00

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ).

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر غلام حسين شيخ، سيڪريٽري انچارج سنڌي ادبي بورڊ ان ڪي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# سڏاء


| | | | |
|---|---|---|---|
| | ● ٻه اکر | عبدالجبار جوڻيجو ۽ محمد قاسم ٻگهيو | |
| | ● پيش لفظ | مظهرالحق صديقي<br>وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي | |
| ١- | شاهه جو رسالو ۽ قرآن ڪريم | ڊاڪٽر خالد ٽالپر | ١-١٠ |
| ٢- | شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اڀياس | ڊاڪٽر تنوير عباسي | ١١-٤٠ |
| ٣- | علامت نگاري ۽ لطيف سائينءَ جي شاعري | غلام نبي سڌايو | ٤١-٥٧ |
| ٤- | شاهه عبداللطيف رحه جي رسالي ۾ گاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر | ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر | ٥٨-٧٨ |
| ٥- | ڪائنات ۽ ماڻهو | بدر ابڙو | ٧٩-٨٨ |
| ٦- | شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت | شاهنواز سوڍر | ٨٩-١٠٠ |

# پـــ اكـــر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ آهي. بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پيش ٿيندڙ هنن مقالن ۾ شاهہ صاحب جي سوانح ۽ ڪلام جي مختلف پهلوئن جو احاطو ڪيو ويو آهي.

اسين هن سهڪار لاءِ سڀني مقالہ نگار خواتين ۽ حضرات جا دل جي گهرائيءَ سان شڪرگذار آهيون. ڪتاب جي اشاعت لاءِ سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي جي سيڪريٽريءَ جناب عبدالحميد آخوند جا بيحد ٿورائتا آهيون جنهن اشاعت جي سلسلي ۾ مڪمل سهڪار ڪيو.

عبدالجبار جوڻيجو

محمد قاسم ٻگهيو

# پيش لفظ

علمي، ادبي، تعليمي، ثقافتي ادارن ۽ شخصيتن هميشه علم و ادب ۽ ثقافتي قدرن جي خدمت ۾ رهنمائي پئي ڪئي آهي. برصغير ۽ سنڌ ۾ اهڙن علمي مرڪزن، عالمن ۽ اديبن جي ڪڏهن به کوٽ نه رهي آهي. قديم دؤر ۾ به سنڌ علم و ادب جو گهوارو رهي آهي، پر اسلام جي آمد سان سنڌ جي اسلامي ڪردار سان اهو ٿيو جو اسلام علمي مرڪزن جو بنيادي رهنما نقطو بنجي ويو. هتي جي علمي مرڪزن ۽ مدرسن جي نصاب ۾ قرآن، حديث، تفسير ۽ فقه کي بنيادي حيثيت ملي. شهرن سان گڏ ننڍن ڳوٺن ۾ به مدرسا کلي ويا، جن کي عالمن پنهنجي ذاتي خرچ ۽ جذبي سان هلايو، نه رڳو ايترو بلڪ انهن ئي مدرسن جي روح روان عالمن ۽ استادن تصنيف ۽ تاليف جو جيڪو ڪم ڪيو آهي، تنهن سنڌ جو ڳاٽ دنيا جي حلقن ۾ اوچو ڪري ڇڏيو آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مير علي شير قانع جون تصنيفات انهيءَ سلسلي ۾ نهايت ئي اهم ۽ نمايان آهن. ٺٽو، روهڙي، بدين، چوٽياريون، سيوهڻ، ساهتي پرڳڻو ۽ ٿر جي وارياسي زمين به هن علمي پالوٽ کان پالهي نه رهي آهي. اڄ جا علمي ادارا ۽ جديد تعليمي ادارا جيڪا خدمت ڪري رهيا آهن، تنهن جون پاڙون پاتال ۾ ۽ ماضيءَ ۾ کتل آهن.

سنڌ جي هن ثقافتي ورثي کي سنڀالڻ ۾ ادبي ڪانفرنسن جو به اهم ڪردار رهيو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران سڏايل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس به اهڙي ئي هڪ نمائي ڪاوش آهي. اميد آهي ته قدردان اسان جي هن ڪوشش کي تحسين جي نظر سان ڏسندا. آءٌ ۽ منهنجا سائي، سيڪريٽري ثقافت حڪومت سنڌ جا ٿورائتا آهيون، جو ڪانفرنس جي مقالن جي ڇپائيءَ جو سمورو بار هنن پاڻ تي کنيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي جديد پريس سان هي مجموعو ڇپائي ڏنو.

١٩- جنوري ١٩٨٨ع
ڄام شورو

مظهرالحق صديقي
وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي
۽
چيئرمن، بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس

# ناشر طرفان ٻه اکر

بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۲، ۳، ۴- فيبروري ۱۹۸۸ع جي موقعي تي، ڪانفرنس جي منتظمين (سنڌي شعبو) جي خواهش تي، سنڌي ادبي بورڊ، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح، ڪلام، پيغام ۽ فڪر بابت نامور عالمن ۽ دانشمندن جي علمي جواهرن پارن تي مشتمل هي ڪتاب "نرتي تند نياز سين" نهايت عقيدت ۽ خلوص سان شايع ڪري رهيو آهي. ساڳئي موقعي تي "مقالا" عنوان سان اسان هڪ الڳ ڪتاب پڻ شايع ڪري رهيا آهيون ۽ هن موضوع جي مناسبت سان هنن مقالن کي جدا ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو آهي.

اسان بورڊ جي طرفان، ڪانفرنس جي منتظمين سان پر خلوص علمي تعاون ڪندي، هي ڪتاب ٿوري وقت اندر شايع ڪيو آهي. وڏ ڪان وڏ ڪوشش اها ڪئي آهي ته اهو ڪتاب هر لحاظ کان معياري هجي.

هن ڪتاب، توڙي مقالن جي مجموعي جي شايان شان ۽ وقت اندر اشاعت لاءِ اسان جي بورڊ جي مانواري ميمبر جناب عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت حڪومت سنڌ خاص هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ دلچسپي ورتي آهي. جنهن لاءِ اسان سندن ٿورائتا آهيون.

آئون سنڌي ادبي بورڊ طرفان، بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، سنڌ جي سدا حيات عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي پيغام ۽ فڪر بابت هي ڪتاب نرتي تند نياز سين شايع ڪندي خوشي ٿو محسوس ڪريان ۽ مون کي اميد آهي ته سنڌ جا علمي حلقا ان کي قدر جي نظرن سان نوازيندا.

محبت پائي مَن ۾، رنڌا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

غلام حسين شيخ
سيڪريٽري انچارج
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو
۲۷-۱-۱۹۸۸ع

# شاهه جو رسالو ۽ قرآن ڪريم

از: ڊاڪٽر خالد ٽالپر، شعبو عربي، جامعة سنڌ.

سنڌي ٻوليءَ ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي رسالي کي جيڪو منصب ۽ مقام، مرتبو ۽ مان حاصل آهي، سو نه ڪنهن تعارف جو محتاج آهي ۽ نه ڪنهن چشم بينا کان مخفي آهي.

جهڙي طرح، قرآن ڪريم جي ٻولي، نهايت فصيح ۽ حَسين آهي، اهڙي طرح رسالي جي ٻولي به نهايت فصيح ۽ حَسين آهي.

جهڙي طرح قرآن ڪريم، هڪ آسماني ڪتاب ۽ ان جو پيغام عالمگير آهي، اهڙي طرح شاهه جو رسالو به هڪ آفاقي ڪتاب ۽ ان جو پيغام به عالمگير آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهه صاحب، پنهنجي رسالي جي سُر سهڻي داستان ڇهون، بيت نمبر ٢٥ ۾ فرمائي ٿو ته:

جي تون بيت ڀانئين، سي آيتون آهين،
وڃُو مَن لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه صاحب جو اهو فرمان ته سندس بيت آيتون آهن، ڪا سڪتي دعويٰ ناهي پر رسالي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اها هڪ اظهر من الشمس حقيقت آهي. انهيءَ حقيقت جي اظهار خاطر، اسان هتي نموني طور، رسالي جا چند بيت پيش ڪري، اهو واضح ڪنداسون ته ڪيئن نه اهي بيت واقعي الاهي آيتن جو ترجمو ۽ تفسير آهن.

جهڙي طرح سورت الحمد ۾ قرآن ڪريم جي ابتدا، الله تعاليٰ جي توحيد ۽ حمد سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي اسماء الحسنيٰ جو به ذڪر آهي، جيئن الله، ربٌ، رحمان، رحيم، مالڪ، معبود، مُستعان، هادي ۽ مُنعِم.

اهڙي طرح شاهه صاحب جي رسالي جي ابتدا به الله تعاليٰ جي وحدانيت، اسماءالحسنيٰ ۽ حڪيم جي حمد سان ٿئي ٿي. چنانچه رسالي جو پهريون بيت هن طرح آهي:

اول، الله، عليم، اعليٰ، عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهِ قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

ترجمو: ”۽ اوهان کي ڀو ۽ بک ۽ مالن جي ۽ جيئدن جي ۽ ميون جي گهٽتائيءَ مان، ڪنهن شيءِ سان ضرور پرکينداسون ۽ (اي پيغمبر) انهن صابرن کي خوشخبري ڏي، جن کي جڏهن ڪا اوکائي پهچي ٿي تڏهن چون ٿا ته اسين الله جا (ٻانها) آهيون ۽ اسين ان ڏانهن موٽندڙ آهيون. انهن تي سندن پالڻهار وٽان مهربانيون ۽ ٻاجهه آهي ۽ اهي ئي سڌي واٽ وارا آهن.“

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته آئون پنهنجن ٻانهن کي طرح طرح جي تڪليفن ۽ ڪَڙِين آزمائشن سان پرکيندس. پوءِ جيڪي منهنجا سچا ٻانها هوندا سي شڪوه، شڪايت ۽ آهه، دانهن نه ڪندا بلڪ صبر سان اهي سختيون سهي ويندا ۽ اهي ئي سڌي واٽ وارا هوندا. انهيءَ آيت ڏانهن اشارو ڪندي شاهه صاحب سر ڪلياڻ، داستان پهرين جي بيت نمبر ٢٣ ۾ هن طرح فرمايو آهي:

عاشق زهر پياڪ، وِهُ پسيو، وِهسن گهڻون،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ،
لڳين لنؤ لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڻي چکن چاڪ، ته به آهه نه سلن عام کي.

سورت والعصر ۾ الاهي ارشاد آهي:

وَالْعَصْرِ ۝ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۝ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۝ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝

ترجمو: ”زمانو شاهد آهي ته بيشڪ انسان گهاٽي ۾ آهن، سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق جي وصيت ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون.“

هن سورت ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته تاريخ شاهد آهي ته انسان اڪثر ڇيهي ۾ رهيو آهي. البت آهي انسان نفعي ۾ رهيا آهن، جن هنن چئن اصولن تي عمل ڪيو، اهي چارئي اصول سورت والعصر جي آخري حصي ۾ هن طرح مذڪور آهن. پهريون اصول آهي ايمان، ٻيون اصول آهي عمل صالح – ٽيون اصول آهي حق جي وصيت. ۽ چوٿون اصول آهي صبر جي وصيت.

انساني اصلاح ۽ فلاح جي انهن چئن سونهري اصولن طرف، اشارو ڪندي شاهه صاحب سُر ڪلياڻ داستان ٽئين جي بيت نمبر ٨ ۾ هن طرح فرمايو آهي:

پَرَ ۾ پڇيائون، عشق جي اسباب کي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،

شاهه لطيف ڳاڙهي رنگ جي لاءِ سڀ کان گهڻا لفظ استعمال ڪيا آهن. مٿي، ڏنل لفظ ڏيکارين ٿا ته هڪ طرف شاهه لطيف کي سنڌي لغت جي ڪيڏي نه ڄاڻ هئي، ته ٻئي طرف ڳاڙهي رنگ سان ڪيڏي نه رغبت هيس.

شاهه لطيف جي هن رنگ سان ايڏي ته چاهت هئي جو هن پنهنجي لاءِ به فقط اهوئي رنگ پسند ڪيو آهي، ۽ پاڻ کي به 'لعل لطيف' سڏيو اٿس:

واقف نه وڻڪار جي باري سڄڻ ٻر،
لهج "لعل" لطيف چئي ڪانڌ مٺيءَ جي ڪَر،
ولهي ڪري ور، مڇڻ مارڳ ڇڏ يين.
(سسئي آبري: ٢-٤)

لڙڪ "لعل" لطيف چئي، ور لئه وهايان.
(سسئي آبري: ٨-١)

ڪيائين "لعل" لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهه مرڪئس من، سوڍي سين سڳ ٿئو.
(مومل: ٣-٢)

'لال' رنگ جو سنڌ جي ثقافت ۾ اهم حصو رهيو آهي. شاهه لطيف کان اڳ شهباز به ڳاڙهو چولو پائيندو هئو ۽ پاڻ کي 'لعل شهباز' چورائيندو هئو. ان کان به اڳتي وڃجي ته پنجاب جو "شاهه حسين" پاڻ کي 'ماڌو لال حسين' سڏائيندو هو.

شاهه لطيف نه رڳو پاڻ کي 'لال لطيف' سڏيو آهي، پر پنهنجي محبوب لاءِ به اهوئي رنگ پسند ڪيو اٿس، ۽ پنهنجي محبوب کي 'لالن' سڏيو اٿائين. محبوب لاءِ ڳاڙهي رنگ جو فقط اهوئي لفظ مخصوص ڪيو اٿائين. هرهنڌ، هر سُرَ ۾ محبوب کي 'لالن' سڏيو اٿائين. سسئي هجي، مارئي هجي يا مومل، پنهنجي محبوب کي لالن ٿي سڏي. ڪنڀات، سريراڳ، سارنگ، رپ، بروي توڙي پورب ۾، سندس معشوق 'لالن' آهي:

هينئڙي سڄڻ سارئا، ڪئي هَنڌم هيٺ،
اچي "لالن" نه ڏيين، مٿي پلنگن پير،
ٿي ور وهڻ وير، ڳنڍجهه ڳرهيان ڪن سين.
(ڪنڀات: ٢-١٠)

ان کي "لالن" لنگهايو ساندارو سمونڊ جو.
(سريراڳ: ٢-٨)

هن بيت ۾ 'لالن' معشوق توڙي نا خدا، رهبر ۽ رهنما جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيو آهي.

ڏري ۽ ڏاري سٽ سورن جي سمئي،
”لالن“ جي لطيف چئي سنهن سٽي ماري،
پيائي پنهونءَ ڏي نرمل نهاري،
پريتڙون پاري، مارڳ ۾ منڌ مئي.
(سسئي آبري: ١-٢)

جو تون ڏورئين ڏور سو سدا آهي ساڻ تو،
”لالن“ لئه لطيف چئي منجهي ٿي معذور،
منجها پنءَ پروڙ، تو منجهه آهس تڪيو.
(سسئي آبري: ٣-١٠)

موٽي مران م، ماءَ موٽڻ ڪان اڳي مران،
لڳي ”لالن“ لاءِ شال، پنديس پير تي.
(سسئي آبري: ٤-١٧)

توڏن تان نه تنوايو،
منهنجو ”لالن“ واريو،
الله ڪارڻ ميان اوٺيا.
(معذوري: ٤-وائي)

اڃي ”لالن“ لٺ ميان،
مٺيءَ جو لوڙهه لکن ۾.
(معذوري: ٦-وائي)

سڀ سياهي آهي آريءَ چام ري
ڪڏهن پسي ڪانه ڪا ريءَ لالن لالائي
(ديسي: ٢-٤)

لڪڙي آهي لغار-او يار،
لنءَ لنءَ ۾ ”لالن“ جي.
(ديسي: ٧-وائي)

”لالن“ جي لطيف چئي سو نهائي سري،
آيس تو ڳري، ته سوڏا سڪيائي ٿيان.
(مومل راڻو: ٤-٩)

ميهي اٿي مارئين ”لالن“ ساڻ لڏيندي،
سئي ساروئڙن جي.
(مارئي: ٧-وائي)

سي پوچارا پر ٽئا سمنڊ سيوڙو جن،
آنداڻون عميق مان جوتي جواهرن،
لڌاڻون لطيف چئي لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن مل مهانگو ان جو.
(سر يراڳ: ۲-۴)

ايءُ گت غواصن جنءَ سمنڊ سوجهياڻون،
پيهي منجهه پاتار جي ماڻڪ ميڙياڻون،
آڻي ڏناڻون هيرا لال هٽن سين.
(سر يراڳ: ۲-۹)

سر ليلا چنيسر ۾ پڻ ڳاڙهن هارن جو ذڪر آهي:

سونا ڪر ڪنن ۾ ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوڙا ٻاهن ۾ سينڌ سٽيا وار،
تيلاهه ٻيءَ پچار ڪانڌ مهجي ڇڏيي.
(ليلا چنيسر: ۱-۱۱)

سر سورٺ ۾ 'رتولن' جي معنيٰ محلات ٿيل آهي، پر ائين به ٿي سگهي ٿو ته "راجا راڳ جي موٽ لعلن سان ڏني":

نرتي تند نياز سين ٻيجل ٻرائي،
راجا رتولن ۾ ورنائي وائي،
ڪوڏايائين ڪوٽ ۾ ٻارٽ ٻاجهائي،
راجا راڳائي هر دوئي هيڪ ٿئا.
(سورٺ: ۲-۴)

مومل راڻي ۾ 'رتولن جي سڙي وڃڻ' جو ذڪر ٿو ڪري:

ڪاڪ ڪڙهي وڻ وڻا ٻرئا رنگ رتول،
تو پڇاڻا سپرين هينئڙي اڇن هول،
جي مون سين ڪيئه قول سي سيگها پارج سپرين.
(مومل راڻو: ۵-۱۴)

سر ڪيڏاري ۾ شاهه لطيف ڳاڙهي رنگ جو ذڪر رت جي حوالي سان ڪيو آهي. رت جو ڳاڙهو رنگ منظر ۾ نکريو پوي:

”لڙڪ لعل“ لطيف ڇـﺌـي ورلئہ وهـايـان.
(سسئي آبري: ٨-١)

مٿينءَ سٽ ۾ ’لعل‘ جو لفظ لڙڪ، توڙي لطيف، ٻنهي سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. ساهي لڙڪ ڳاڙهو اچي، ته ’لعل لطيف‘ ۽ جي لعل ڳاڙهو اچي ته ’لڙڪ لعل‘ لطيف چئي.

”روئي رڱينديس رت سين“
ســاڻ ڇـﺌـاڪـن ڇـوري.
(ڪوهياري:-٦ وائي-٢)

آن ڪي سائي ڏٺ جـي مـون ويـڙ وڄائيا،
رئـان رت مـڃـٺ هـاڙـي تـن ٻرين ڪي.
(حسيني: ٤-٩)

”سپ رڱينديس رت“ سين ڪيچان اوري ٻون،
(حسيني: ٦-١٥)

پسو سونهن سـامـيءَ جي ”رت ورنو روءِ“.
(مومل راڻو: ١-٣)

آءُ لنگوٽيا لال ڪنهن پـر ڏنـئـہ ڳجريون،
آب ارتـو آڪـئـيـن لـڙڪ وهـائـيـن لال،
ڏنئہ جـي جمال، سـامـي ڪه نـہ سلائيين.
(مومل راڻو: ٢-١)

لـدڙ وڻـئـا لـوڏي ٿيا وتـن منجهہ وصـال،
اڄ ارتـو اڪيين ڪاڪ پـيـتـائـون ڪال،
ويـئـي ويچارن وسـري صـبـاح جـي سنڀال،
پـري ڪـان پاسي ٿـئـا مـاسـوئـن مـثـال،
جانب جـي جـمـال رڱي سي ريـٽـو ڪـيـئا.
(مومل راڻو: ٣-٥)

جنهن تـڙ ڏوڙيـون چوٽا چندن چڪ ڪيئو،
اڄـن پـونـئـر ٻيهولئا پـاڻـيءَ تهين تـون،
رانول ”رتو رون“ ڪو وهـہ لڳو واسيين.
(مومل راڻو: ٣-٧)

مٿئين بيت ۾ 'ڪارونڀار' ۽ 'اڇارا' جو تضاد Contrast هڪ ماهر چترڪار جوئي فن تي سگهي ٿو:

لهرن ليکو ناهه ڪو جت ڪڪر ڪڻن ڪارا،
آڇـــارا عـمـيـق جـــا اڇـــن او ڀـــارا،
اڻـــي اسـارا رِويـــر وڙهـــنـدءِ ويـــرا،
(سريراڳ: ٥-٢)

هن بيت ۾ پڻ اڇي ۽ ڪاري رنگ جو تضاد آهي، 'آڇارا عميق جا' ۽ 'ڪڻن ڪارا'.

اڇو رنگ پاڪيزگيءَ جو رنگ آهي، خلوص جو رنگ آهي. اڇو رنگ Purity خالص هجڻ (نيجپڻي) جو رنگ آهي. سر ڪارايل ۾ شاهه لطيف اڇي ۽ ڪاري رنگ جو تضاد واضح ڪيو آهي، پر اهو رڳو منظر يا عڪس نه آهي، پر معنيٰ ۽ اهڃاڻ جي لحاظ کان به اهم آهي. چڱائي، پوترتا آهي اڇو رنگ، ۽ برائي، ۽ ناپاڪي آهي 'ڪالورجڻ'.

اڇـو پـاڻـي لـڙ ٿـئـو ڪالـورڻـو ڪنگن،
ايندي لـڄ مـرن تنهن سَرَ سـڀـي هنجڙا.
(ڪارايل: ١-٧)

هڪ ٻئي بيت ۾ به اڇو پاڻي پاڪ صاف ۽ نرمل جي معنيٰ ۾ ڪم آندو ويو آهي:

ويـئـو جـي وماسيين حيرت پـئـو ۾ هـور.
اونهو جـو اڇـو وهـي گهڙي ٿئائين گهور،
ڏنيون هـڏ ۾ ڏور گهورڻو ڳب ڳسن جو.
(ڪارايل: ١-٩)

ساڳئي سلسلي جو ٻيو بيت پڙهو:

ويـئـو جڻ وماسيين حيرت پـئـو ۾ هـاڻ،
لـلـن ڪي لطيف چـئـي اڇـي سـاڻ آراڻ،
ڪنگن لـڳـي ڪاڻ ڳڏئو هنج حبيب ڪي.
(ڪارايل: ١-١٠)

ڪارايل جي هن بيت ۾ پڻ اڇـو پاڪيزگي پوترتا ۽ Purity خالص هجڻ (نيجپڻي) جي اهڃاڻ طور ڪتب آيو آهي.

هيٺئين بيت ۾ 'اڇي' ۽ 'ميري' جو تضاد (Contrast) آهي. اهو نه فقط هڪ فنڪاراڻو تضاد آهي پر معنوي ۽ اهڃاڻي تضاد پڻ. اڇو ۽ ميرو، هنج ۽ ڪنگ، ٻئي هڪ ٻئي جا ضد آهن، ۽ ٻنهي جي اهڃاڻي معنيٰ به هڪ ٻئي جي اُبتڙ آهي. هڪ صاف،

ان کان پوءِ اڇي رنگ وارا بيت اچن ٿا، اڇي رنگ کي شاهه لطيف اڪثر روشنيءَ جي هم معنيٰ لفظ طور استعمال ڪيو آهي. ان کي نيڪيءَ، پاڪيزگيءَ ۽ نجپڻي Purity جي امڃاڻ طور ڪتب آندو آهي. ڪٿي ڪٿي منظر جي سونهن وڌائڻ لاءِ به اڇي رنگ جو استعمال ڪيو اٿائين. اٽڪل سترنهن دفعا هن رنگ کي ڪم آندو ويو آهي.

اڇي کان پوءِ سائو، گيڙو، خاڪي، سونهري ۽ پيلو رنگ آهن، جن جو فقط ٽن ڇهن بيتن ۾ استعمال ٿيل آهي.



# علامت نگاري ۽ لطيف سائين جي شاعري

غلام نبي سدايو

ادب جي شروعات گفتگو سان ٿئي ٿي جيڪو سماج ۾ مختلف فرض پورا ڪندو نظر اچي ٿو. ادب جيڪڏهن هڪ پاسي شهنشاهي تاج، قاضين، مفتين ۽ معتبرن جي غلط فتوائن جي تائيد ڪئي آهي ته ٻئي پاسي وري انهن ناسورن خلاف آواز اٿاريندڙ انقلابين ۽ مهان شخصيتن جي شان ۾ قصيده به لکيا آهن.

ادب ۾ شاعري جو اثر و رسوخ صدين کان سچيل حقيقت بڻجي چڪو آهي. ڇو ته ”شاعري ڪنهن زبان جي خوبصورتي کي ڪنهن حد تائين محفوظ ڪري سگهي ٿي، نه صرف محفوظ ڪري سگهي ٿي پر ٻيهر اصلي حالت ۾ واپس آڻي سگهي ٿي. ان کي ٻيهر ترقي ڏيڻ ۽ پالڻ پوسڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿي. ان کي وڌيڪ پيچيده حالتن ۾ بلند، ارفع ۽ موزون ترين اظهار جو ذريعو بڻائي سگهي ٿي ۽ جديد زندگي جي تبديل ٿيندڙ مقصدن جي لاءِ ان کي اظهار جو ذريعو بڻائي سگهي ٿي؛ ۽ اهو عمل بلڪل اهڙي ريت ٿئي ٿو جهڙي طرح غير پيچيده زماني ۾ ٿيو هو.“ (۱)

پر جيڪا ڳالهه شاعري جي عظمت ۽ اهميت کي وڌائڻ جو سبب آهي، آها روشني ۽ رستي جي تلاش آهي، سڀ سچا شاعر انهي رستي ۽ روشني جي تلاش ۾ هر وقت اڳتي وڌندا رهيا آهن.

انهي انساني عظمت ۽ روشن واٽ جي ڪهاڻي جي شروعات پڻ يونان کان ٿي. ”يونان جي شاعري دنيا جي بهرين مڪمل ۽ مستند شاعري آهي ۽ ارسطو توڙي ان دور جي ٻين دانشورن ان شاعري کي اڳيان رکي، پوءِ علم يا ادبي تنقيد جو بنياد وڌو آهي.“ (۲)

شاعري انساني تاريخ جي هر دور ۾ مقبول ۽ تيز هٿيار طور استعمال ٿيندي آئي آهي. زنده قومون پنهنجي انهي قومي ورثي مان هر وقت فائدو وٺنديون رهيون آهن.

يونانين لاءِ شاعري جيتوڻيڪ شوق ۽ وندر جو سبب هئي پر پوءِ به ان شوق، قوم جي عصري قوت (Time Spirit) سان ملي، يونان کي مهذب انساني دنيا جو پايو وجهندڙ بڻائي ڇڏيو(۳).

يوناني تنقيد جو بنياد پڻ عظيم شاعر ’هومر‘ جي شاعري تي مدار رکي ٿو. ’هومر‘ سان گڏ سندس همعصر ۽ پويان شاعر ’هيسيد‘، ’زنوفينز‘، ’پنڊار‘ ۽ ’جورجس‘ جي فن ۾ پڻ اهڙا اشارا موجود آهن (٤).

’هومر‘ شاعري مان لطف حاصل ڪري ٿو ۽ ان کي هڪ قسم جي جادو مان پيدا ٿيندو سمجهي ٿو. هن جي شاعري مهذب دنيا جي تنقيدي، فڪري ۽ جذباتي حقيقتن جي بنيادي لڙهي آهي جنهن ۾ شاعري جي جديد نظرين جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. خواب ۽ جادو کي به ادب جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو. ”خواب ۽ جادو جي ٻولي جي باري ۾ وڏي تفتيش ٿي رهي آهي. جادو ته ڪن حالتن ۾ سيٽ جي زبان ڳالهائي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ اعتقاد جي. پر خواب جو ماهرو نيرو نفسياتي ماهرو آهي.“ (٥)

جادو به هڪ علامت آهي جيڪو هڪ جدا نظام ۾ ڪم ڪري ٿو جيڪو عقلي نظام کان مختلف آهي. جادو انهي تصور (Imagination) سان ڳالهائي ٿو، جنهن کي نفسياتي توڙي ڪلچر جي دنيا ۾ اعليٰ ترين ۽ بااختيار حيثيت ڏني وڃي ٿي(٦).

’هومر‘ پنهنجي شاعري کي لطف حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ٿو ۽ ان کي جادو جو هڪ قسم ڄاڻي ٿو. هن جي آذو ديوين ۽ ديوتائن تي اعتقاد ٿي ڪاميابي جو ذريعو آهي. هومر پنهنجي نظمن ۾ سيٽ ۽ اعتقاد جي زبان استعمال ڪري ٿو.

’چارلس مورس‘ (Charles W. Morris) تصوف جي ڳالهه ٻولهه جي طرز تي، ٻڌائي ٿو ته تصوف جي اظهار جو طريقو آهي ”زين اظهار.“ (Zen form of expression)(٧).

هومر پنهنجي شاعري ۾ اهڙي قسم جو اظهار ڪري ٿو، ”اڪيلزجي ڍال“ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”هر جي پٺيان واري ڏرتي ڪاري معلوم ٿي رهي هئي، اهڙي ڏرتيءَ جيان جنهن تي هر هلي چڪو هجي، جڏهن ته اها سون جي ٺهيل هئي ۽ اهو صناعي جو ڪمال هو.“ (٨) انهي قسم جي هڪ ’ڪٿا‘ ڪتاب ”ٻولي“ (Langvage) جا ايڊيٽر بيان ڪن ٿا جيڪا ڇهين صدي جي آهي ۽ ’شان هائي‘ (Shan Hai) جي چيل آهي(٩). جنهن ۾ پڻ زين اظهار جيان علامتون استعمال ٿيل آهن.

هومر جي مٿين لکت به حقيقت ۾ علامتي نوعيت جي آهي ڇو ته شاعري دراصل اهڙو تخليقي عمل آهي جنهن سان عام رواجي شيون مٿانهين معنيٰ (Higher Meaning) جو ذريعو بڻجن ٿيون.

’چارلس مورس‘ مٿين عبارت کي ’ستوري ۽ موندو‘ (Satori and Mondo) اظهار ٿو چوي. سندس خيال مطابق هي اهو منطق آهي، جيڪو پڻ علامتن جي عام نظرئي (Semantics) جي ڪري وجود ۾ آيو آهي(١٠).

علامت کي سمجھڻ لاءِ اسين دنيا جي عالمن ۽ اديبن جي راين کي سامهون رکنداسون. شاعري ۾ علامت جي متانهين حيثيت ٿي شين جي علامتي معنيٰ کي سمجھڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي، جنهن جو واسطو ٻولي جي معنائن سان آهي.

علامت اهو لفظ آهي، جنهن جي بنيادي حيثيت کي ڪانه ڪا نمائنده معنيٰ حاصل ٿي ويئي هجي. جڏهن ته هر لفظ صوتي علامت آهي ڪنهن نه ڪنهن شيءِ يا مفهوم جو (١١).

انسائڪلوپيڊيا امريڪانا ۾ علامت جي هيٺين تعريف ڏنل آهي: "علامت جو لفظ، جيڪو مختلف معنائن جو حامل آهي، سو يوناني لفظ "Symbloon" تان ورتو ويو آهي. عيسائيت جي ابتدائي ڏينهن ۾ هي لفظ عقيدي لاءِ اڪثر استعمال ٿيندو هو ۽ اڄ به لاطيني ملڪن ۾ مستعمل آهي. هي مذهب يا مذهب جي توهين لاءِ اشارو ڪندو آهي... پراڻي ڪهاڻي يا مت ۾ ڪا خاص جاءِ حاصل ڪرڻ سان هن لفظ جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي. نيپچون (Trident) سامونڊي ديوتا جي علامت آهي." (١٢)

سمبل (Symbol) جو اصل يوناني لفظ جي صورت آهي، جنهن جو بنيادي مقصد آهي اعتقاد حاصل ڪرڻ ۽ سندس استعمال مذهب توڙي ميٿ (Myth) ۾ خاص جاءِ والاري ٿو. اهڙيءَ ريت علامت وسيلي انسان شين جي متانهين معنيٰ حاصل ڪرڻ جي لائق ٿئي ٿو. ان ڪري ئي شاعري توڙي اظهار جي هر روايت ۾ علامت، اظهار ۽ ابلاغ جو ذريعو بڻبي آئي آهي.

'فرينڪ لوريمر' (Frank Lorimer) پنهنجي ڪتاب "The Growth of Reason" ۾ لکي ٿو: "علامت لفظي عمل جي مطالعي جو ذريعو آهي ۽ ان جي مدد سان اسين انسان جي ذهن جي جوڙجڪ ۽ واڌاري جا سبب معلوم ڪري سگهون ٿا." اهڙيءَ طرح لاگونا (Grace-De-Laguna) ٻڌائي ٿو ته: "انسان جي ارتقا ۽ واڌاري جو وسيلو ٻوليءَ جو سکڻ آهي." (١٣)

علامت جي سلسلي ۾ "ڪنسائيز انسائڪلو پيڊيا آف انگلش اينڊ امريڪن پوئٽس اينڊ پوئٽري" ۾ ايمرسن جو خيال آهي ته: "فطرت هڪ مندر آهي، جنهن جون ديوارون نشانن (Embelms) سان ڀريل آهن." (١٤)

حقيقت ۾ اهي نشان ئي آهن، جيڪي شين جا تصور آهن، علامتون هوندي به غير موجود شين جون حقيقتون آهن. ڇو ته اسين جڏهن به ڪنهن شيءِ جو ذڪر ڪندا آهيون ته اها شيءِ بذات خود موجود ڪونه هوندي آهي، بلڪ ان شيءِ جو تصور (Concept) اسان جي اڳيان هوندو آهي. اها تصور جي منتقلي، جيڪا تجربي جي بنياد تي ٿئي ٿي ۽ انسان جي دماغ جو ڀاڱمراد و عمل آهي، "آهو شاعر جي

(فڪري، جذباتي ۽ شخصي) تجربي جي عڪاسي آهي. علامت جو تجربي جي منتقلي کان سواءِ ڪو ڪم ڪونهي."(١٥)

انسان جي ذهن ۾ شين جي تصور ٺاهڻ جو عمل جاري رهي ٿو، انهيءَ عمل سان اسان شين جي ذاتي تصورن (Private Concepts) کي شين جي عام تصورن (Public Concepts) ۾ منتقل ڪندا رهون ٿا. اهڙيءَ ريت اهو تصور کان سواءِ پيو ڪجهه به نه آهي، جيڪو منتقل ٿئي ٿو(١٦).

علامت لاءِ 'ڪولرج' جو چوڻ آهي ته "علامت ڪنهن حاضر شيءِ کي خاص انداز ۾ آرپار ڏسڻ، يا ڪنهن آفاقي حقيقت کي عام ڳالهين مان حاصل ڪرڻ، يا ڪنهن ازلي سچ کي وقتي يا فاني شين مان حاصل ڪرڻ جو نالو آهي(١٧).

يوناني شاعر 'جورجس' (٤٨٥ — ٣٨٠ ق – م) لکي ٿو ته شاعر قابل تعريف تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن هن جو فن صحيح ۽ سچو ٿئي ۽ سندس ڳالهه آفاقي نوعيت جي هجي(١٨). ان ڪري ئي چيو ويندو آهي ته سچي شاعري اها آهي، جنهن جو فهم ته ٿئي، پر جڏهن ان کي بيان ڪرڻ ويهجي، تڏهن مختلف معنائن جو پندار ثابت ٿئي.

علامه ابن رشيق شاعر لکي ٿو: "شاعر کي شاعر ان لاءِ چوندا آهن، جو اهو انهن شين کي محسوس ڪندو آهي، جيڪو ٻيا نه ٿا ڪندا. جيڪڏهن سندس ڪلام ۾ معنيٰ جا نڪتا، اختراع، (Obstruction) لفظن جي نئين لڙهي ۽ بيان ۾ نواڻ نه آهي ته اهو حقيقت ۾ شاعر چوائڻ جو حقدار ناهي."(١٩)

حقيقت ۾ مخصوص معنوي سطح عام تصورن کان مختلف آهي. ان ڪري شعر ۾ ظاهري فڪري مفروضا سٺا ڪونه لڳندا آهن. انهن فڪري مفروضن کي لساني عمل مان گذارڻ سان ئي شين جي علامتن جو ظهور ٿيندو آهي.

علامت نگاري کي بطور فن ڪڏهن کان مڃيو ويو آهي، ان لاءِ ڪن عالمن جو خيال آهي ته مغربي شاعريءَ ۾ علامتي شاعري جي شروعات صوفي شاعرن سويڊن بورگ (١٦٨٨–١٧٧٢ع) يا سينٽ مارٽن (١٧٤٣–١٧٨٣ع) کان ٿي(٢٠). انسائڪلو پيڊيا برطانيڪا ۾ چاڊايل آهي ته اسٽيفن ملارمي ۽ پال ورلائين انهي شاعرائي تحريڪ جا باني مباني آهن.

منهنجي تحقيق مطابق جديد ادبي دنيا ۾ مروج علامتي نگاري جي شروعات ٽين صدي هجري يعني ڏهين صدي عيسوي جي ٻي ڏهاڪي ۾ شام ولايت ۾ ٿي. ان تحريڪ جو پايو وجهندڙ **ابو طيب احمد بن حسين المعروف 'مُتَنَبِّي'** (٣٠٣ — ٣٥٤هه)/(٩١٦–٩٦٧ع) آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن پنهنجي دؤر ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي.

متنبي جي دؤر ۾ جديد طرز تي شعر لکڻ ڪري، عربي ادب ۾ ٻه اسڪول قديم ۽ جديد قائم ٿي پيا هئا (٢١)۔ جيئن ته ادب ۾ هڪ لاڙو ڪڏهن به قائم ناهي رهندو۔ هڪ دور ۾ هڪ قسم جو لاڙو هوندو ته ٻئي دور ۾ ان جي اُبتڙ هوندو آهي۔

المتنبي کان اڳ بشار ٻهريون شاعر آهي جنهن اختراع معني جو بنياد وڌو۔ ان کان پوءِ ابو نواس، ابن الرومي، هن کي وڌيڪ زور وٺرايو۔ پر مُتنبّي ان کي ترقي جي انهي منزل تي رسايو جنهن ۾ ٻيو ڪوبه اضافو ڪري نه سگهيو۔ (٢٢)

متنبي جي ڪلام جو فارسي شاعرن تي به وڏو اثر رهيو آهي، جن مان عنصري منوچهري، فخرالدين گُرگاني، انوري، اسدي، طوسي، ظهيرالدين فاريابي ۽ شيخ سعدي اهم آهن جيڪي پنجين ڇهين صدي هجري جا استاد شاعر ليکيا وڃن ٿا. (٢٣)

علامه ابن رشيق چوائي 'متنبي' جي شاعري ۾ مضمون ۽ معنيٰ ڪڏهن ڪڏهن عام قاري جي ذهني پهچ کان متي نظر اچن ٿا. حقيقت ۾ اها علامتي Approach آهي۔ متنبي جو هڪ شعر پڙهي ڏسو جنهن کي ان وقت جا نقادن پڻ عيب سمجهيو آهي، پر حقيقت ۾ اهو شعر هڪ اعليٰ مقصد تائين رسائي جو ذريعو آهي:

أَنّى يَكُونُ أَبَا البَرَايَا آدَمٌ
وَ أَبُوكَ وَالثَّقَلَانِ أَنْتَ مُحَمَّدٌ۔ (٢٤)

مٿين بيت ۾ چوي ٿو ته آدم ڪيئن انسانن جو جد اعليٰ ٿي سگهي ٿو جڏهن ته توهان جو پيءُ محمد آهي، ۽ توهان ثقلان آهيو، هڪ ٻيو بيت پڙهندا۔

لَوْلَمْ تَكُنْ مِنْ ذَا الوَرَىٰ الَّذِي مِنْكَ هُوَ
عَقِمَتْ بِمَوْلِدِ، نَسْلِهَا حَوَّا۔ (٢٥)

يعني اي طالب هن دنيا ۾، جنهن جو هجڻ ئي تنهنجي ذات سان آهي، تون به هجين ها ته مائي حوا سَنڍ ٿي وڃي ها (۽ ان کي ڪو اولاد ڪونه هجي ها)۔

مٿيان ٻئي بيت آفاقي حقيقت جا حامل آهن جنهن ۾ محمد، ثقلان، آدم، حوا سڀ علامتون آهن، جيڪي اعليٰ مقصد ۽ ازلي سچ جو اظهار ڪن ٿيون۔ هنن ۾ هڪ اعليٰ سچ (محمدؐ) ڏانهن اشارو ڪيل آهي جنهن جي ڪري هن ڪائنات جو ظهور ٿيو، اهوئي اعليٰ سچ دنيا جي هر شيءِ ۾ موجود آهي يعني (انسان)، لطيف سائين جو هي بيت پڙهندا جنهن ۾ پڻ ساڳئي مفهوم ڏانهن اشارو آهي:

پاڻهين جل جلاله، پاڻ جان جمال،
پاڻهين صورت پرين جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سڃوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي۔
(آڏواڻي – سر ڪلياڻ، ١-١٩)

ٻئي بيت ۾ لطيف فرمائي ٿو:

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.
(آڏواڻي - ڪلياڻ، ١-٢٠)

نقادن جي خيال مطابق متنبي نئين معنيٰ ۽ نت نوان مضمون پيش ڪرڻ ۾ ڏاڍو زور آور شاعر آهي. هن جي طبيعت جو چند ناقص شين ڏانهن مائل ٿي وڃڻ، ڪيس نظر انداز ڪرڻ جي لائق بڻائي ٿو. هن جو نادر ۽ مٺي ڪلام جيان سنڌس انهن شعرن کي به قبول ڪرڻ گهرجي جيڪي بلاغت جي رتبي کان ڪريل ۽ ردي آهن. (٢٦)

پر سچ ته اهو آهي ته سنڌس جنهن ڪلام کي ردي ڪوٺيو ويو ان ڪلام جون بقول 'علامہ بديعي' ايڪيتاليهہ شرحون لکيون ويون ۽ 'پروفيسر جميل الرحمان اعظمي' جي تحقيق مطابق ڏهہ پيون شرحون بہ سنڌس شاعري جي ديوان تي لکيون ويون. (٢٧)

ڳالهہ اها آهي تہ علامت نگاري جي فن جي باري ۾ اڄ کان تقريباً هڪ صدي اڳ جڏهن اها تحريڪ فرانس ۾ شروع ٿي، تڏهن بہ ان جي سخت مخالفت ٿيڻ لڳي ۽ اهڙي شاعري کي ناقص ۽ ردي سمجهيو ويو.

هن مقالي جي محدود دائري کي مدنظر رکندي علامت تي بحث کي ويڙهيندي ائين چئي سگهون ٿا تہ علامتي سرشتو منطق (استدلال) جي بنياد تي قائم ٿئي ٿو، جيڪا هڪ سماجي عادت (Social habit) آهي جنهن جو عمل سڄي سماج تي ٿئي ٿو. علامت حالتن مطابق پنهنجو عمل ڏيکاريندي آهي، تصوف ۽ زين اظهار پڻ علامتي سرشتي مطابق آهي.

لطيف سائين جي شاعري تصوف جي روايتن پٽانڌڙ ڪيل آهي جنهن ۾ هن پنهنجي تاريخي ۽ روايتي وٿن (Values) جي آڌار تي، سماج کي سڏارڻ، خصوصاً سنڌي قوم ۽ عموماً ڪائنات جي مڙني انسانن جي ذهني، اخلاقي ۽ سماجي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ اهو سربستو احوال علامت ذريعي اوريو اٿس.

لطيف سائين پنهنجي دور کان اڳ وارن شاعرن جي علامتن کي بہ پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيو آهي، انهن شاعرن ۾ قاضي قاضن شاهہ عبدالڪريم، شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت صوفي جا نالا وٺي سگهجن ٿا. سنڌس همعمر شاعرن مان ميين شاهہ عنايت رضوي، ۽ خواجہ محمد زمان جون علامتون بہ لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب آنديون آهن، اهي علامتون اسان جي ڪلاسيڪل ادب جو حصو ۽ نيم تاريخي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ انهن سان واسطو رکندڙ اشارا ۽ نشان آهن جن جي بنياد تي انهن ڪردارن منتقل تصورن جو روپ حاصل ڪيو.

لطيف سائين جو رسالو علامتن سان ڀريو پيو آهي، رسالي جو هر هڪ بيت ذونهم، اختراع معنيٰ (Obstruction) ۽ اعليٰ سوچ جو ڀنڊار آهي. سنڌس هرڪا علامت هڪ وڏي علامت ڏانهن رجوع ٿئي ٿي جنهن کي علامت اوليٰ چئبو آهي. سڀ علامتون ان هڪ وڏي علامت ۾ جذب ٿي وڃن ٿيون. علامت اوليٰ مان ڪائنات، دنيا، انسان يا ڪابہ معنيٰ وٺي سگهجي ٿي، جُز جو ڪُل ۾ سمجهائڻ وارو فلسفو پڻ ساڳي حقيقت جو حامل آهي. "وحدت يا توحيد جو اهو تصور روحاني دائري ۾، ٻين مذهبن جي پيٽ ۾ بلڪل نئون بہ ڪونہ هو، پر اسلام ان کي بنيادي يا اساسي اصول بڻائي، ان کي مرڪزي حيثيت ڏيئي ڇڏي. الله جي وحدانيت جو اهو تصور محض تجريدي (Abstract) نہ هو، پر اهو اهڙو مرڪزي نقطو هو، جنهن مان ڪيترائي شعاع ۽ ڪرڻا ڦٽي نڪتا. انهن مان هڪڙو اهم ڪرڻو انسانذات جي وحدت ۽ يگانگت بابت هو." (٢٨) لطيف سائين وحدت الوجود جي فلسفي جو قائل صوفي ڏاهو هو.

جيئن فطري دنيا ۾ اختلافن ۽ ضدن ۾ سنگم ڪانپوءِ هڪ نئين وحدت جي صورتحال پيدا ٿئي ٿي، تيئن وجداني ڪيفيت جي ضدن ۽ اختلافن ۾ بہ هڪ بنيادي وحدت آهي ان بنيادي وحدت کي محسوس ڪرڻ وارا دنيا جي هر ڪنڊ ۾ هر مذهب ۽ تهذيب ۾ موجود رهندا آيا آهن. انهي وجدان ئي مذهبن کي جنم ڏنو آهي ۽ انهي بنيادي وحدت کي ڳولڻ وارن کي صوفي (Mystics) چيو وڃي ٿو. (٢٩)

'صوف' جو لباس 'فقر' جي علامت آهي ۽ دنيا وما فيها کان بي نيازي جي نشاني آهي، "ڪشف المحجوب" ۾ هڪ حد بہ ڏنل آهي تہ توهان 'صوف' جو لباس اختيار ڪيو، پنهنجي دلين ۾ ايمان جي مٺاڻ محسوس ڪندؤ. (٣٠)

بهر حال اهو شخص جيڪو احڪام الاهي کي پنهنجي قلب جي گهراين ۾ محسوس ڪري محسن بڻجي ٿو، اهو ئي صوفي آهي. (٣١)

صوفي ازم جو بنياد محي الدين ابن العربي (١٢٤٠-١١٦٥ع) جي طريقي وحدة الوجد تي پيل آهي، نڪي شيخ عبدالقادر جيلاني جي موحدانہ سلسلي (Orthodox) تي، وحدت الوجود جون قدرتي طور تي هندوستان جي ڌرتي ۾ پاڙون ڪتل هيون. ڇو تہ اهو اخلاقي توڙي جذباتي لحاظ سان هندوستانين جي مزاج مطابق هو. (٣٢)

صوفين آڏو تعصب، ڪٽرپڻو ۽ انتها پسندي قابل نفرت عمل آهي. لطيف سائين اعتدال پسند، شعور ۽ ساڃهہ رکندڙ فلسفي هو. سنڌس هر گفتو منطقي ۽ عمل سوءِ ظن ۽ حسن ظن جي وچ واري واٽ آهي، پر اها واٽ اٿانگي، ڀيچرو ڀهاڙي ۽ ڏکيو آهي. ان جي مقابل ٻي واٽ سولي آهي، ان ۾ ڪوبہ جيءُ کي جوکو ڪونهي، ڪنهن بہ حرج ۽ زيان جو انديشو ڪونهي، پر لطيف سائين 'واٽ' بجاءِ 'ڪوات' تي هلڻ جي ترغيب ڏي ٿو.

جدوجهد ۾ جهول پيدا ٿيو ۽ نا اميدي جو شائبو نظر آيو ته اهڙو عنصر نه صرف ان فرد لاءِ پر پوري سماج لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. اهڙي صورت ۾ ائين به ٿي سگهي ٿو جو حالتون اهڙو رُخ اختيار ڪن جو پوءِ ڪيس منزل جو نشان پتو ئي نه ملي.

مٿين بيت مان هر مڪتب فڪر جو ماڻهو پنهنجو پنهنجو فهم حاصل ڪري سگهي ٿو. چو نه اهو صوفي هجي يا سياستدان، سماج سڌارڪ هجي يا قوم جو اڳواڻ، شاگرد هجي يا عشق جو سرواڻ.

لطيف سائين جو تصوف وارو فلسفو دراصل اڳوڻي سنڌي سماج ۽ ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن جي سماجي، اخلاقي، سياسي ۽ اقتصادي عمل جي ڪهاڻي آهي. انهي پس منظر ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙي، ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ پوءِ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي سان گڏ، شاهه لطيف سائين جو به هڪ خاص مقام آهي.

”هر شاعر چاهيندو آهي ته سندس قوم ترقي ڪري ۽ جنهن معاشري ۾ هو رهي ٿو معاشرو مهذب سڏائڻ جي لائق ٿئي، ڏک، مفلسي، پرماريت ۽ جهالت وغيره جي پاڙ پٽجي وڃي، ۽ هر ماڻهو آزاد، خود مختيار ۽ خوشحال ٿئي. هر ماڻهو آزاد ۽ آزادي جون نعمتون ماڻي سگهي.“(٣٤) لطيف سائين به پنهنجي دور جو قومي شعور رکندڙ، سماجي ۽ اقتصادي انصاف لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ڏاهو شاعر هو. سندس وقت جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته ”مغليه دور ۾ سنڌ جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون تمام خراب هيون. جاگيردارانو نظام سماج جي ترقي جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هو، ان ڪري نڪي هاري محنت سان ڪم ڪندو هو ۽ نه ئي نندا ڪاريگر. جيڪي صبح کان شام تائين محنت سان ڪم ڪرڻ کان پوءِ به غربت ۽ افلاس جي زندگي گذارڻ تي مجبور هئا.“(٣٥) ان ڪري ماڻهن پنهنجي سماجي حالت سڌارڻ ۽ ڏاڍ سان منهن ڏيڻ لاءِ عملي قدم کنيا. اهڙين مهان هستين جي عزم، حوصلي ۽ مردانگي جو ذڪر رسالي ۾ جابجا ٿيل آهي، هي بيت پڙهو:

ڪانارا ڪنڪن، جنين لوهه لڳن ۾،
محبت جي ميدان ۾، پيا لال اڇن،
پاڻهين ٻڌن پٽيون، پاڻهين چڪيا ڪن،
وٺان واڍوڙين، رهي اڇي راتڙي.
(شاهوائي - يمن ڪلياڻ، ١ - ١٢)

هن بيت ۾ لطيف سائين سماجي ۽ قومي شعور رکندڙ ماڻهن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو ته اها ڪا سولي ’وات‘ نه آهي بلڪ ’ڪُنوات‘ آهي جتي وڍ پون ٿا، سور ملن ٿا ۽ سختيون سهڻيون پون ٿيون، سچا انسان تڪليفن ملڻ جي باوجود به

زبان مان ٻڙڪ ٻاهر ڪو نه ڪيندا آهن، بلڪ پاڻ پنهنجي ڦٽن کي چيٽي پٽيون ٻڌن ٿا. سچ جي پانڌيئڙن جو هميشه اهو شيوو رهيو آهي.

لطيف سائين رسالي ۾ انيڪ علامتون ۽ انهن جون اڪيچار معنائون ۽ ويچار ڏنا آهن. هر هڪ بيت ۾ سوچ جا سوين سلسلا آهن، هيٺيون بيت پڙهو:

سـگهن سنڌ نه سور جي، گهايل ڪيئن گهارين،
پيـل پاسو پٽ تان، واڍوڙ نه وارين،
پر ۾ پڇن پرين لئه، هي! هنجون هارين،
سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.
(شاهواڻي - يمن ڪلياڻ، ١ - ١٨)

هن بيت ۾ سگها اهڙي علامت آهي، اهڙي ماڻهو ڏانهن اشارو آهي، جيڪو هر دؤر ۾ خوش ۽ بي پرواهه رهي ٿو. ڪيس ڪنهن به سور يا درد جو پرو ڪونهي. اهڙا ماڻهو ٻين دکايلن جي ڪهڙي خبر رکندا؟ انهن کي ڪهڙي ڪل ته دردمندن ۽ سورن جي ستايلن رات ڪيئن گذاري هوندي! "سگها" دولتمند به ٿي سگهن ٿا، انهن کي مسڪينن ۽ محتاجن جي حال جي ڪهڙي ڄاڻ؟ اهي ته صرف ٽڪا ڪمائي ڄاڻن. مايا جي ڇايا سندن سن ميرو ڪري ڇڏيو آهي. سندن سن ۾ ڪا اجرائي يا چڱائي ڪانهي.

مسڪين مارو، سورن ۾ ورتل سانگي، ڏٽ تي گذران ڪندڙ پهنوار، هاري ۽ محنت ڪش، سڄي رات بک ۽ ڏکن ۾ اکين تي ويهي، ٻارن کي دلاسا ڏيندي گذاريو ڇڏين ٿا، پر سندن پاڙي وارن کي سورن جي سڌ ڪانهي:

پاڙي ناه پروڙ، ته ڪا رات رنجائي گذري،
پانهنجي پروچن جي، گهائي وڌي گهور،
هڪ سسئي پيا سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾.
(شاهواڻي، سُر حسيني، ٥-٩)

علامتي نظام کي سمجهڻ لاءِ اسان هڪ نظر ان جي درجه بندي تي وجهنداسون. ٻولي جو علامتي نظام هن جديد دؤر ۾ وڏي سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو. علم ڪهڙو به هجي، عمراني توڙي طبعي، هرهڪ جي جدا جدا ٻولي ٿئي ٿي توڙي جو ڪن حالتن ۾ ساڳيا لفظ ڌار ڌار علمن ۾ ڪم اچن ٿا، ته به انهن جون حالتون ڌار ڌار هجڻ ڪري، انهن جون علامتون به مختلف ٿين ٿيون. (٣٦)

'يونگ' علامت کي انفرادي نه بلڪ اجتماعي احساس جو مظهر سمجهي ٿو. حادثاتي (Accidental) يا وقتي نڪو ڄاڻي بلڪ ترقي پذير ۽ سماجي (Social) سمجهي ٿو. ان سان گڏ هو نشان (Sign)، اشاري (Signal) ۽ علامت (Symbol) ۾ واضح فرق

پڌائي ٿو. اشاري کي هو نشان جي سڌريل صورت سمجهي ٿو، پر ان کي علامت جي قريب تر سمجهي ٿو. اشاري جو ڪم صرف جنسي توانائي جي تبديلي آهي، پر علامت انهن ٻنهي کان وڌيڪ سڌريل ۽ مڪمل وجود رکي ٿي.(٣٧)

مٿين راءِ مطابق لفظ ڪن حالتن ۾ 'نشان' آهن ۽ ڪن حالتن ۾ 'اشارو' ۽ انهن جي وڌيڪ ترقي يافته ۽ مڪمل صورت 'علامت' آهي. حالتن مطابق لفظ پنهنجي ڊار معنيٰ ڏي ٿو. جهڙي حالت تهڙي معنيٰ. اهڙي ريت لفظ جا ٽي طبقا ٿيو پون ٿا. هيٺ لطيف سائين جا ٽي بيت انهيءَ سلسلي ۾ پڙهندا:

١. ساڻر صحت سپرين، آهي نه آزار،
مجلس وير منو ٿئي، ڪوئيندي قهار،
خنجر تنهن خوب هڻين، جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رکون ساهه جون.
(شاهواڻي: سُر ڪلياڻ ٣-٥)

٢. پريان سندي پار جي، مڙيئي مڻائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.
(شاهواڻي: سر ڪلياڻ ٣-١١)

٣. منايان منو گهڻو، ڪڙو ناه ڪلام،
سڪوت ئي سلام، پريان سندي پار جو.
(شاهواڻي، سر ڪلياڻ، ٣-١٠)

پهرين بيت ۾ "مجلس وير منو ٿئي" ۾ لفظ 'منو' حالتن مطابق نشان جي معنيٰ ڏي ٿو. هت جيڪا هستي ڦٽن تي ڦارينڊڙ ملم لڳائي ٿي، ان جو نشان پتو ڏيندي لطيف فرمائي ٿو ته توڙي جو اها هستي بارعب ۽ غضبناڪ آهي، پر سندس رهاڻ ۾ ڏاڍي مڻاس آهي. اها هستي جنهن کي پنهنجو ڪري ٿي، تنهن کي پنهنجي منفرد ادا سان منا گهاءَ لڳائي ٿي ۽ سندس ساهه جون رکون نچوئي ٿي.

هن بيت ۾ عام شيون به آهن ته خاص به، 'آزار'، 'مجلس'، 'خنجر'، 'يار' ۽ 'رکون' عام شين جا نالا آهن ۽ خاص شين ۾ 'قهار'، 'رب' ۽ 'ستار' اچي وڃن ٿيون. مٿيري معنيٰ واري شاعري ۾ صرف شين جو اظهار ناهي هوندو، پر آهي سڀ شيون ڪنهن اعليٰ حقيقت کي سمجهڻ جو ذريعو هونديون آهن.

ٻئي بيت ۾ لفظ "مڻائي" پنهنجي حالت مطابق اشاري (Signal) طور ڪم آيو آهي. "پريان سندي پار جي مڙيئي مڻائي" ۾ لفظ "مڻائي" ۽ "مجلس وير منو ٿئي" ۾ لفظ "منو" ٻئي هڪٻئي کان ڌار ڪونهن ۽ ٻنهي جو هڪٻئي سان لاڳاپو آهي. پر حالتن مطابق ٻنهي جي درجه بندي ۾ فرق آهي.

آواز، شئي جي مستقل علامت بڻجي پوي ٿو، اهي علامتون سماج اندر ڪابہ صورت اختيار ڪن ٿيون جنهن ڪي اسين روايتي ۽ سماجي علامتون چئون ٿا.

مٿين بيت ۾ ”وڇن جو وچار“ يعني مسڪينن ۽ غريبن جي همراهيءَ جو شل وار ونگو نہ ٿئي، ڪيس ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي، ڇو تہ واهرو (ساهڙ) اپاهجن ۽ ننگن جو ننگپال (سينگار) آهي، هن بيت ۾ ساهڙ ۽ سهڻي جي موضوع سان ڪو بحث ڪونهي. پر انهن ڪردارن رستي اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ سچا انسان جيڪڏهن دنيا تياڳي هليا ويا تہ پوءِ مسڪينن، سادن ۽ ڪوجهن انسانن جي پيو ڪير رکوالي ڪندو؟ اهڙي قسم جا پيا بہ ڪيترائي بيت رسالي ۾ ملي سگهن ٿا.

اتفاقي علامت (Accidental) Symbol) هڪ ذاتي تجربي جي ڳالهہ آهي، جهڙو تجربو تهڙو احساس، هي بيت پڙهو.

آئي نہ اوري آڻ، ڏاڱهن ڏڌي آهيان،
هٿي هٿ هين ڪي، پري نئي پلاڻ،
هوت منهنجو هاڻ، پنهون نيائون پاڻ سين.
(شاهوائي، ديسي ١-١٤)

هن بيت ۾ گذريل زماني جي تجربي جو ذڪر ٿيل آهي، اهي تجربا علامتن رستي بيان ڪيل آهن. مٿين بيت ۾ ”آڻ“، ”ڏاڱها“، ”هوت“ ۽ ”پنهون“ علامتون آهن. مٿين بيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ سسئي ڪي ماضي ۾ اُن ڪان نقصان رسيو آهي ڇو تہ سسئي جا ڏير پنهون کي اُن تي زوري پڏي ڪٽي ويا هئا. ان ڪري اُهي سندس ويري آهن. هوءَ اُن جي ڏڌل آهي، ان ڪري نفسياتي طرح انهن ڪان ڇرڪي ٿي، هن بيت ۾ ماضي جي تجربي جي بنياد تي حال جو ردعمل ظاهر ڪيو ويو آهي.

مٿيون بيت لطيف سائين جي ذاتي تجربي ۽ انفرادي احساس جو ثبوت آهي، ان مطابق جهڙو تجربو تهڙو احساس. مثلاً نانگ جي ڏنگ جو تجربو آهي جو نانگ جي صورت ڪان بہ خوف ٿئي ٿو. توڙي جو نانگ جي صورت ۽ ڏنگ هڻڻ وارو نانگ جدا جدا شيون آهن. ان حالت ۾ علامت ذاتي تجربي (Mood) جي بنياد تي بہ ٺهي ٿي، ان باري ۾ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ نانگ جو تصور (مورت) تہ علامت آهي پر نانگ ڪان خوف ۽ نفرت وارو جذبو علامت نہ آهي، پر اهو صرف هڪ احساس آهي. انڪري چئي نٿو سگهجي تہ ڪا علامت ذاتي يا انفرادي تجربي جي بنياد تي بدل بہ ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي ريت علامت جي روايتي حيثيت ڪا ختم ٿي وڃي ٿي(٤٠).

آفاقي (Universal) علامتن جو تعلق پوري ڪائنات سان هوندو آهي، هن ۾ آفاقي قدرن، انسان جي گڏيل عملن ۽ لوڪ ورثي کي خصوصي اهميت هوندي آهي،

لوڪ شاعري ۾ آفاقي قدرن جي نمائندگي ڪري ٿي. لطيف سائين جو ڪافي ڪلام اهڙي قسم جو چيل آهي. هي بيت پڙهو:

اونداهي اڌ رات ۾، پرين پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءُ ۾.

(شاهواڻي - ڪنيات ١-٩١)

آفاقي علامتون جيڪي دنيا جي ٻين ملڪن جي شاعري ۾ به مروج آهن. انهن ۾ شمع، پروانو، چنڊ، سج، باه، خوشي، طاقت، ٻاٽي وغيره اچي وڃن ٿا. اهي علامتون مشرق توڙي مغرب ۾ هڪ جهڙو مفهوم رکن ٿيون. (قطبي علائقن ڪانسواءِ).

چنڊ جي علامت سونهن، سوڀيا، روشني ۽ جواني ڏانهن اشارو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو: "چنڊ مشرقي توڙي مغربي شاعري ۾ سونهن جي علامت طور استعمال ٿيندو آيو آهي، ڪنهن به شعر ۾ لفظ 'چنڊ' پڙهڻ سان سونهن، سوڀيا ۽ جواني جو تصور اکين آڏو اچي ويندو آهي". (٤١)

مٿي ڏنل بيت ۾ لطيف سائين جنهن پرين جي تعريف ڪري ٿو، سو ڪو عام رواجي حيثيت وارو نامڪمل انسان نه آهي بلڪ هن جي حيثيت ازلي سچ جيان نمايان ۽ نرالي آهي. هت اونداهي مان مراد آهي ناسساعد ۽ ناسازگار حالتون، اهڙن انسانن جي اچڻ سان سڄي دنيا جي سونهن ۽ روشني سندس ڏيا وڏائي ۽ ڏاهپ آڏو جهڪي (ختم) ٿي وڃي ٿي.

آخر ۾ عرض ته معاشري ۾ بنيادي تبديليون ايندڙيون رهن ٿيون. انهن تبديلين جو اثر انساني سوچ تي به پوي ٿو ۽ انڪري سوچ جا طريقا پڻ بدلبا رهن ٿا. انهي سوچ جي اظهار لاءِ نون لاڙن جو ظهور ٿئي ٿو ۽ نون لفظن جي پٽ تيار ٿئي ٿي. انهن نون طريقن ۽ لاڙن کي سمجهڻ سان ئي جديد ۽ قديم ۾ فرق واضح ٿئي ٿو.

لطيف سائين پنهنجي دور جو جدت پسند، نئين تحريڪ جو باني، سنڌي لغت ۾ اضافو آڻيندڙ ۽ حقيقت پسند صوفي ڏاهو هو، انڪري ضرورت آهي ته سندس ڪلام کي جديد نظرين ۽ طريقن مطابق پيش، سندس خوبين کي نروار ڪجي جيڪو هر باشعور عالم ۽ اديب تي اولين فرض عائد ٿئي ٿو.

## حوالا


١- جالبي جميل (ڊاڪٽر): "ايليٽ کي مضامين" رائٽر بوڪ ڪتاب ڪراچي، ١٩١١ع، ص-٩١

٢- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر) "ادب جا فڪري محرڪ" سنڌي ادبي جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، ١٩٨٤ع، ص-٧٨
٣- ايضاً... ص-٧٨
٤- جالبي جميل (ڊاڪٽر): "ارسطوسي اليٽ تڪ" نيشنل بوڪ فائونڊيشن ڪراچي، ١٩٧٥ع، ص-٥١
٥- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٧٨ع، ص-٣٠٣
٦- ايضاً... ص-٢٩٦
٧- ايضاً... ص-٢٩٤
٨- جالبي جميل (ڊاڪٽر): "ارسطو سي اليٽ تڪ" نشنل بوڪ فائونڊيشن ڪراچي، ١٩٧٥ع، ص-٢
٩- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٧٨ع، ص-٢٩٦
١٠- ايضاً... ص-٢٩٦
١١- عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص-١٢٢
١٢- دي انسائڪلوپيڊيا امريڪانا، انٽرنيشنل ايڊيشن، امريڪن ڪارپوريشن، نيويارڪ، ١٩٦٨ع، ص-١٥٩
١٣- سومن- ڪي لينگر: "فلاسافي ان اي نيوڪي" نيو امريڪن لئبرريري آف ورلڊ لٽريچر، نيويارڪ، ١٩٤٨ع، ص-٢١
١٤- عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص-١١٩
١٥- جالب افتخار: "نئي شاعري" نئي مطبوعات لاهور، ١٩٦٦ع، ص-١٤٣
١٦- سومن- ڪي- لينگر: "فلاسافي ان اي نيوڪي" نيو امريڪن لئبريري، ورلڊ لٽريچر- نيو يارڪ، ١٩٤٨ع، ص-٥٨
١٧- عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص-١٣١
١٨- جالبي جميل (ڊاڪٽر): "ارسطو سي اليٽ تڪ" نشنل بوڪ فائونڊيشن ڪراچي، ١٩٧٥ع، ص-٢٠

١٩- اعظمي سيد جليل الرحمان: "ابوالطيب متنبي" اداره تصنيف و تاليف پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي، ١٩٥٨ع، ص-٥٠
٢٠- عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص-١٢٠
٢١- اعظمي سيد جليل الرحمان: "ابوالطيب متنبي" اداره تصنيف و تاليف پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي، ١٩٥٨ع، ص-٢٤
٢٢- ايضاً... ص-٢٣
٢٣- ايضاً... ص-١٢
٢٤- زيات احمد حسن: "تاريخ عربي ادب" (مترجم عبدالرحمان طاهر سورتي) شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور، ١٩٦١ع، ص-٤٥٣
٢٥- ايضاً... ص-٤٥٣
٢٦- اعظمي سيد جليل الرحمان: "ابوالطيب متنبي" اداره تصنيف و تاليف پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي، ١٩٥٨ع، ص-٢٠٤
٢٧- ايضاً... ص-٩
٢٨- سراج: "لطيف ۽ وحدةالوجود" (مضمون) لطيف ڊائجيسٽ ڪراچي، جون ١٩٨٦ع ص-٢٣
٢٩- ايضاً... مئي ١٩٧٦ع، ص-١٦
٣٠- ابوسعيد نورالدين (ڊاڪٽر): "اسلامي تصوف اور اقبال" اقبال اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٥٩ع، ص-١١
٣١- ايضاً... ص-١٨
٣٢- جوتواڻي موتي لال: "صوفيز آف سنڌ" منسٽري آف انفرميشن اينڊ براڊڪاسٽنگ گورنمينٽ آف انڊيا دهلي، ١٩٨٦ع، ص-٣
٣٣- جوڻيجو عبدالجبار (ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" سره ڪتاب حيدرآباد، ١٩٧٣ع، ص-٥٢
٣٤- ڏسجي قاسم ٻگهيو: "شاعري جو سماجي ڪارج" (مضمون) "ڪينجهر" تحقيقي جرنل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٨٧ع، ص-١٠١ ايڊيٽر: جوڻيجو عبدالجبار (ڊاڪٽر)
٣٥- مبارڪ علي (ڊاڪٽر): "تاريخ سنڌ" (مغل دور حڪومت)، آگهي پبليڪيشنز حيدرآباد، ١٩٨٥ع، ص-٦٣

٣٦- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٧٨ع، ص- ٢٨٩

٣٧- اعجاز حسين: "اُردو افسانی ۾ علامت نگاري" (ٿيسز پي. ايچ. ڊي)، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٧٩ع، ص ٥١-٥٢

٣٨- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٧٨ع، ص ٢٩٠

٣٩- عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص- ١٣٤

٤٠- ابن فريد: "مين، هم اور ادب" ايجوڪيشن بوڪ هائوس عليگڙهه، ١٩٧٧ع، ص- ١٨

٤١- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٧٨ع، ص- ٩٥-٢٩٤

٤٢- عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص- ١٦٩




جامع طور تي سنڌس شاعري ۾ موجود احوال بابت اها خبر پوي ٿي تہ شاهہ سائين هرهڪ خطي ۽ علائقي ۾ اڀرندڙ ۽ اسرندڙ وڻن، ٻوٽن ۽ ميون جي اُسر ۽ گلن ٻوٽن جي ڦلارجڻ يا ٻور جهلڻ، ٻوٽن جي درجي بندي ۽ ٻوٽن جي ٻيهڪ بابت گهڻا لفظ استعمال ڪيا آهن.

شاهہ سائين جتي ويو اتي جاگرافيائي حدن ۽ اتان جي آب وهوا کي بہ شاعريءَ ۾ سمائي ڇڏيائين ان سان گڏوگڏ اتي جي ٻوٽن، وڻن، گاهن، ٻوڪن، گلن ۽ ميون جو بہ اونهو اڀياس ڪيائين جنهن جو اندازو سنڌس هن بيت مان لڳائي سگهجي ٿو.

"سَرَ لوهيڙا ڳپيا، ڪُسَرَ نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍوليا ڏينهن اچڻ جا."

هن مٿي ڏنل بيت ۾ ٽن مختلف ٻوٽن (سَرِ، لوهيڙا ۽ ڪُسَرَ) جو ذڪر ڪندي چاڻائي ٿو تہ جڏهن سَرَ ڳپيا آهن تڏهن ڪُسَرَ نسرندا آهن.

"ڪُسَرَ" جن کي "ڪوڙا سَرَ بہ چئبو آهي تنهن جو اشتقاق ائين آهي تہ:

ڪ = ڪوڙا + سر = سر = "ڪوڙا سر"

مختصر طور ائين ڪٿي چئجي تہ جيڪو بہ شخص ٻوٽن جي علم جو ماهر هرندو آهي سو اگر شاهہ سائين جو ڪلام پڙهي تہ ان حقيقت کان هرگز انڪار نہ ڪندو تہ شاهہ ٻوٽن ۽ وڻن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌس شاعري ۾ ٻوٽن، گلن، گاهن ۽ ٻوڪن جو ذڪر ملي ٿو ۽ گهڻي ۽ سهڻي انداز ۾ ملي ٿو.

## سر مارئي ۾ گاهن، ٻوٽن، ان، ميون، ٻاڄين ۽ ولين جو ذڪر

سر مارئي ۾ ڀلاري ڀٽ ڌڻي سنڌ جي حب الوطني جي عظيم، لازوال، بي مثال ۽ لافاني ڪردار مارئي بابت بيان شعرن جي زبان ۾ ادا فرمايو آهي.

هن سُر ۾ شاهہ ڀٽائي رحہ سونهاري سنڌ جي قابل فخر نياڻي مارئي جي واتان حب الوطني جون دانهون، آهون ۽ ڪوڪون دعائون اچاريون آهن. هن عظيم قابلِ تقليد هستي "مارئي" جي نظر ۾ پنهنجي ڏيهہ جو ڏٿ ۽ ڏونرا، گولاڙا ۽ گگريون، ڪِپَڙ ۽ ڪارا بهشت جي نعمتن مثل آهن ۽ لطيف ڀلاري انهن جو ذڪر واضح طور تي پنهنجي سُر مارئي ۾ ڪيو آهي.

سنڌ جي قابل فخر نياڻي مارئي وطن پرستي ۽ عصمت پروري جو بهترين مثال آهي ايتري قدر جو ان وقت جي حاڪم عمر سومري جا محل ۽ ماڙيون، دولت ۽ سلطنت، حڪومت ۽ حشمت، پٽ پٽيهر، پلنگ ۽ پينگها، هار ۽ سينگار سنڌس دل تان ڏونرن جي ڏوئي ۽ لاڪ پري لوئي وساري نٿا سگهن.

## ان جا قسم

(١) سائون (اناج جو قسم)
(٢) ڏت (١) (جهنگلي ميون جي اناج کي ٽري ڏت چون ٿا)
(٣) ڦرهه (ان جو قسم)

ان کانسواءِ سگر (ڪچيون سگريون اٺ ۽ ٻڪريون کائين) ۽ مچر جو به ذڪر آهي.

"ڪنڊيءَ جي وڻ جا توتن جهڙا پيلي رنگ جا گل جيڪي اٺ کائين ٿا."(٢)

## سر مارئي ۾ شاهه رحه سائين جا بيان ڪيل وڻن جا نالا.

(١) گگريون (٣) (گگري) (کنؤر جو وڻ)
(٢) ٿوهر (وڻ جو قسم)
(٣) ساڏوهيون (مٺي چار جو وڻ)
(٤) ڪرڙ (وڻ جو قسم)
(٥) ڪارا ڪپر (وڻ جو قسم)
(٦) ڪريڙ (وڻ جو قسم)

## سر سارنگ

"سارنگ" هڪ راڳڻي جو نالو آهي جيڪو "سنسڪرت" زبان جو لفظ آهي ۽ سنڌي زبان ۾ "سارنگ" جو لفظ جهڙ، بادل، ڪڪر، سانوڻ، بسنت، برسات، ميگهه ملهار ۽ هڪ برساتي راڳڻي جي معنائن ۾ ڪتب اچي ٿو.

شاعرن جي سرتاج شاهه رحه سائين بذات خود ٿر جي بهار ۽ خزان، خشڪ سالي ۽ فارغ البالي ڏٺي. سانوڻين جي خوبصورت راتين منجهه ٿر جو سير ڪيو، ٿر جي مختلف مقامن ۽ جاين کي ڏٺائين ۽ پنهنجي مشاهدي کي واين ۽ بيتن جي زبان جي صورت ڏيئي امر ڪري ڇڏيائين.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجن شعرن ۽ بيتن ۾ ٿر جي ايتري ته خوبصورت منظر ڪشي آهي جو ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ اکين سان وينو ڏسجي. مثلاً ڀٽائي رحه سائين ريگستاني اٺن جي قافلن، انهن قافلن جي گهنڊڙن جي آوازن، چوپائي مال جي مختلف ڌڻن ۽ انهن جي ڌنارن جي مست آوازن، ديهاتي نغمن، تراين، کوهن، تڙن، پوٺن، گاهن، گلن، ۽ پوکن بابت نالا ايترو ته ڪثرت سان بيان ڪيا آهن جو شاهه ڀٽائي رحه جي حقيقت بيني جو قائل ٿيڻو پوي ٿو.

---

(١) سير ريگستان از محمد اسماعيل عرساڻي ص ١٨٠
(٢) سير ريگستان از محمد اسماعيل عرساڻي ص ٤٤
(٣) مزيد تفصيل شرح سرمارئي، رشيد احمد لاشاري ص ١٦٤

جي منظرن، سانگين جي خوش ٽيٽ، جانورن جي چرڻ، گاهه، پٺا، ٻوٽا ۽ گلن جي اسرڻ ۽ اپرڻ بابت سهڻي منظرڪشي ڪئي اٿس پر جيترا گاهن، ٻوٽن، وڻن، ولين، پاڇين ۽ ميون جا نالا سر مارئي ۾ استعمال ڪيا اٿس اوترا سرسارنگ ۾ استعمال نه ڪيا اٿس ته به ائين چئي نٿو سگهجي ته سرسارنگ ۾ گاهن ٻوٽن جي نالن جو استعمال نه ڪيو اٿس پر سرمارئي ڪان ڪي قدر گهٽ. بهرحال ان سر ۾ خوبصورت طرز بيان ۽ لفظن جي ٻيهڪ جي جيتري به تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي.

**سر سارنگ منجهه استعمال ڪيل گاهن، پاڇين، ٻوٽن ۽ گلن جا نالا.**

(١) ميها: (ول جنهن جو ميوو پاڇي طور استعمال ڪجي ٿو)

(٢) چيڙ: (پاڇي جو قسم)

(٣) ڊامڻ: (گاهه جو قسم هڻڻ سان گڏوگڏ "جڙي ٻوٽي" پڻ آهي. ان جون پاڙون غريب ڌڻ ڪري کائيندا آهن). (١)

(٤) پاهه: گاهه جو قسم جيڪو مينهن جي موسم ۾ ڦٽندو آهي ۽ منجهانئس ڪار به جڙندي آهي، ڍورن جي چاري طور به ڪم ايندو آهي. (٢)

(٥) ڪنڌار: مشهور گل جو قسم.

(٦) ڇيهو: (گاهه جو قسم ان جو تفصيل پويان لکيل آهي).

(٧) ڦنگيون: (ڪنيپون) پاڇي جو هڪ قسم. ان بابت مزيد تفصيل اڳ ۾ لکيل آهي.

## "سر سسئي"

سونهاري لطيف رحه سائين جي سورمين مان نهايت پسنديده سورمي سسئي آهي جنهن تي پاڻ پنج سر چيا اٿس.

سسئي هڪ سچي عاشقياڻي آهي جنهن جو نينهن پنهل سان هو. جيڪا ڀاڻ ڀانيڻياڻي هئي ۽ پنهل هوت ٻروچ - پنهل جا ڀائر ڪانئس ان وقت پنهون کي جدا ڪري هليا ويا جڏهن سسئي ننڊ پئي هئي. بس پوءِ ڇا هو - پريت جي پياسي، جبل جهاڳيندي ۽ ڏونگر ڏوريندي رهي نيٺ اجل جو پيالو پي زنده جاويد ۽ امر بڻجي ويئي.

شاهه رحه سائين سسئي جو بيان درد انگيز دانهن ڪوڪن سان ڪيو آهي. شاهه صاحب ان تي پنج هيٺيان سر لکيا آهن:

(١) سر سسئي آبري (٢) سر معذوري (٣) سر ديسي (٤) سر ڪوهياري (٥) سر حسيني.

---

(١) شرح سر سارنگ از اجمل بيگ قليچ بيگ مرحوم ص ٧٥
(٢) ايضاً " " " ص ٧٦

سسئي پنهل جي ڳولا ۾ پنڌ ڪندي ڪندي ٿڪجيو پوي ٿي، پر پري پري تائين پنهون جو ڪو ڏس پتو ڪيس نٿو ملي، نه ئي ڪو نشان ليئس ٿو اهڙي لاچاري ۽ بيوسي جي حالت ۾ سسئي وڻن هيٺ ويهي پنهنجي بيوسي تي روئي رڙي ٿي ته:

"ڪاٿي ڪيرن هيٺ، ويٺي روءِ رت ڦڙا،
ڪا موٽون ٿيندي ڏيٺ، پيهر پاروچن سين."

سسئي پنڌ ڪندي ڪندي هردم پٺي پنهون ڪي ساري ۽ هنجون هاري، پر آس نه ٿي ڇنيس ۽ مايوس نه ٿي ٿئي، توڙي سندس پيرن ۾ لڦون پئجي ويون، لباس تار تار ٿي ويس، پر پنهون جي اڪير ڪيس ويهڻ ۽ آرام ڪرڻ نٿي ڏي. هوءَ نه صرف پنهون ڪي پيئي ساري، پر سندس وطن مڪران ۽ مڪران جي ميون، وڻن ۽ ٻوٽن کي به انهن لفظن ۾ ياد ڪري پيئي ته:

"آما، ليما، ڦل ڦاروها، ڳاڳا، راڳا جتي."

مطلب ته مختصر طور نموني ۾ مون مٿي سر سسئي ۾ شاهه رح صاحب جي بيان ڪيل گاهن، ميون، ٻوٽن ۽ وڻن جا نالا بيان ڪيا آهن.

## سر سسئي ۾ بيان ڪيل وڻن، ٻوٽن، گاهن ۽ ميون جا نالا

(۱) ليار (وڻ جو قسم)
(۲) ڪنڊا (وڻ جو قسم)
(۳) ڪانڊيرا (وڻ جو قسم)
(۴) لوهوڪا (لوهيڙي جو وڻ)
(۵) ڪيرن (وڻ جو قسم)
(٦) ليون (ننڍي وڻ جو قسم)
(۷) جائو (لئي جو جابلو وڻ)
(۸) جمر (بيد جو وڻ)

## گاهن جا نالا

(۱) آنر (گاهه جو قسم) ان کي لوُنش به چئجي ٿو.
(۲) مچر (ڪنڊي جي وڻ جون سگريون)

## ميون جا نالا

(۱) آما (انب/ميوو)
(۲) ليما (ميوو)
(۳) ڳاڳا (ليار جي وڻ ۾ ٿيندڙ جابلو ميوو)
(۴) راڳا (جابلو ميوو)
(۵) ڦاروها (ميوو)

جي سر بلندي ۽ حق خاطر شهادت جو عظيم مرتبو حاصل ڪندڙ واقعن کي بيان ڪيو ويو آهي،

(٦) سُرُ سورٺ:

سر سورٺ ۾ سورٺ راءِ ڏياچ جو قصو بيان ڪيو ويو آهي. راءِ ڏياچ جي سخاوت ۽ واعدي پاڙڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڪيئن نه راءِ ڏياچ موسيقي جي ڌن تي مدهوش ٿي ٻيجل جي منگا پوري ڪئي ڪيس پنهنجو سر هٿن سان لاهي ڏنائين.

(٧) سر بروو سنڌي:

هن سر ۾ اهو بيان ڏنل آهي ته سچو عشق صرف الله سان ڪرڻ جڳائي انسان کي گهرجي ته هن دنيا کي چند روز ڪائنات تصور ڪري ۽ حقيقي ۽ باقي رهندڙ دنيا ۾ ڪامياب ۽ آرام واري زندگي گذارڻ لاءِ نيڪ ۽ سٺا عمل ڪري.

(٨) سر مومل راڻو:

سر مومل راڻي ۾ عشقيه داستان مومل راڻو بيان ڪيل آهي. هن سر ۾ سواءِ راڻي جي لڪڻ جي ڪو به گل، گاهه ٻوٽي جو قابل ذڪر، ذڪر نه ڪيو ويو آهي.

(٩) سر ڪاهوڙي:

سر ڪاهوڙي ۾ فقيرن جا قاعدا بيان ڪيل آهن فقيرن جي هلت چلت، رياضت، ۽ پاڻ پڇاڻڻ مان جيڪي فائدا انهن کي رسن ٿا تن جو بيان آهي.

(١٠) سر رامڪلي:

هن سر ۾ شاهه رحه سائين صوفين ۽ سنياسي فقيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. شاهه سائين کي انهن فقيرن جي صحبت ڏاڍي وڻندي هئي ۽ شاهه سائين پنهنجو گهڻو وقت انهن سان گذاريندو هو.

(١١) سر ليلا چنيسر:

هن سر ۾ شاهه سائين ليلا جي هار تي موهجڻ، چنيسر جو رسڻ، ليلا جو ليلائڻ ۽ ڪؤنرو جي چالاڪي جو ذڪر ڪيو آهي. هي داستان به سنڌ جي عشقيه داستانن مان هڪ آهي.

(١٢) سر بلاول:

هن سر ۾ شاهه صاحب نبي ڪريم صلعم جن جي تعريف ڪري ٿو، ان سان گڏو گڏ جکري نالي سخيءَ جي سخا ۽ بخشش جو به ذڪر ڪيل آهي.

هن سر ۾ سمي ذات جي سردارن، راهو، ابڙي سمي جو ذڪر ڪيل آهي. علاءُالدين جي سنڌ تي حملي جو به ذڪر ڪيل آهي.

(۱۳) سر ڪاپائتي:

هن سر ۾ ڪجھہ ڪتن وارين ڳالهين جو ذڪر آيل آهي جن ڪي شاهہ سائين مختلف نصيحتون ڪري ٿو ۽ سمجهائي ٿو تہ انسان ڪي هن دنيا ۾ غفلت سان گذارڻ نہ گهرجي ۽ نہ ئي اجاين ڳالهين ۾ اجايو وقت برباد ڪرڻ گهرجي. جيترو ٿي سگهي وقت مان فائدو حاصل ڪجي، هن سر ۾ سواءِ ڪجھہ جي ٻيو ڪنهن بہ فصل جو نالو ڪونهي.

(۱۴) سر پرڀاتي:

هي سڄو سر سخي سپڙ جي تعريف ۾ چيل آهي، جيڪو ماڻهن کي وڏيون بخششون ڏيندو هو. ان جي سخاوت ملڪان ملڪ مشهور هئي. هن سر ۾ ڪٿي بہ وڻ، ٻوٽي، فصل ۽ گاهہ جو نالو ڪونهي.

(۱۵) سر گهاتو:

هن سر ۾ شاهہ رح صاحب سمنڊ، مهاڻن ۽ ٻوڙن وغيره جا ذڪر ڪيا آهن. ان کان سواءِ هن سر ۾ موروڙي ميربحر ۽ سنڌس ڀائرن جي آڪاٽي بيان ڪيل آهي.

(۱٦) سر آسا:

هن سر ۾ سر ڪلياڻ ۽ سر يمن وانگر رڳو صوفين جي فلسفي ۽ الله جي وحدانيت جو ذڪر ڪيل آهي.

(۱۷) سر ڪارايل:

هن سر ۾ ڍنڍ جي پکين جي عادتن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ان سان گڏوگڏ زهري نانگ ۽ انهن جي ڏنگڻ بابت بيت چيل آهن.

(مٿي بيان ڪيل هر سر جو مرڪزي خيال شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪتاب احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مان ورتو ويو آهي.)

حاصل مطلب هن ريت تہ شاهہ رح سائين سنڌ جي هرهڪ خطي جي ٻولي، رهڻي ڪهڻي، ڏندڻ ۽ ماڻهن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي.

شاهہ عبداللطيف رح ڀٽائي جي ڪلام تي نگاهہ وجهو تہ اندازو ٿيندو تہ هر مقام تي حالات ۽ واقعات موجب ڪهڙي نہ خوبصورتي سان بيت چيا اٿس، جو ائين ٻيو پانئجي تہ چڻ اهي سڀ واقعا سندس اکين آڏو پيش آيا هجن ۽ وري انهن جي تصوير تہ اهڙي چٽي اٿس جو چڻ تہ اهي واقعا پڙهندڙ آڏو ائين ڦريو وڃن جيئڻ اهو واقعو اکين ڏٺو محسوس ٿو ٿئي.

اها سندس شاعري جي عظمت جي نشاني آهي، جو سندس ڪلام ڳوٺاڻو توڙي شهري پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل جاهل، توڙي عالم مرد توڙي عورت، ٻار توڙي ٻڍو، امير توڙي غريب، ادنيٰ توڙي اعليٰ مطلب تہ هر طبقي کي متاثر ڪري ٿو.

شاهه صاحب جي تعريف ۾ جناب غلام محمد گرامي صاحب لکي ٿو ته:

”اڄ ڪان ٻه صديون اڳ جن حالتن ۾ شاهه پيدا ٿيو، سي اڄوڪي ترقي يافته دور ڪان گھٽو پوئتي هيون. زندگي سادي هئي، پر اڄ جڏهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي زبردست ترقي ڪئي آهي، پر ڪو ٻيو شاهه لطيف رح نه پيدا ٿيو آهي ۽ نه ئي پيدا ٿيندو.“

آخر ۾ آءُ اختتام انهن لفظن ۾ ڪندس ته:

چو نه ٿي نازان توتي سنڌ ۽ سنڌي زبان،
بخش جنهن کي آهه توکان ٿيو حيات جاودان،
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر شاه لطيف.

## ڪتابيات


١- شاهه رح جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي رح، حيدرآباد ١٩٥٠ع.
٢- شاهه جو رسالو، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
٣- احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز.
٤- مير ريگستان، محمد اسماعيل عرساڻي، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، ١٩٥٤-٥٥ع.
٥- سر مارئي (مڪمل معنائن ۽ شرح سميت) رشيد احمد لاشاري، آر. ايڇ. احمد اينڊ براد رس، ١٩٦٨ع.
٦- سر سارنگ: اجمل بيگ قليچ بيگ مرزا رح، راما (پاڪ) بوڪ ڊيپو هيرآباد حيدرآباد.
٧- شاهه رح جو رسالو: جناب ڪلياڻ آڏواڻي، مڪتبه اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي -٢.
٨- شاهه رح عبداللطيف ڀٽائي: محڪمه اطلاعات مغربي پاڪستان.
٩- ذڪر لطيف رح -- شاهه سائين جي ٢٤٠ ورسي جي موقعي تي ڇپيو، شعبه مطبوعات، محڪمه اطلاعات، حڪومت سنڌ، سنڌ سينٽر ڪراچي -١١٠، ١٩٨٤ع.
١٠- پيغام لطيف رح -- شاهه سائين جي ٢٤١ ورسي جي موقعي تي شايع ٿيو. شعبه مطبوعات، محڪمه اطلاعات، حڪومت سنڌ ڪراچي -١١٠، آڪٽوبر ١٩٨٥ع.

۽ چمڪندڙ اکين واري جنگ جي ديوي ايٿينا جي پنهنجن اندروني تضادن سبب، سچي دنيا ۾ ٿاپا کائيندو رهيو. سندس سموري جدوجهد جي ڏوري اولمپيا (فطرت کان مٿاهين جاءِ) جي تابع آهي. سندس سمورو شعور ۽ محنت پنهنجو منطقي نتيجو حاصل ڪرڻ کان اڳ صرف انڪري بيڪار ٿي پئي ويا جو ديوتا مٿس مهربان نه هئا. سندس آخرڪار ڪاميابيءَ جو ڪارڻ به ايٿينا جي مهرباني هئي. چوڻ لاءِ ته وري به چئي سگهجي ٿو ته پوسيڊن ۽ ايٿينا جو ٽڪراءُ جدلياتي سگهن جو علامتي ٽڪراءُ آهي پر ان ٽڪراءُ ۾ انسان جي حيثيت فقط شطرنج جي مهري جهڙي ٿي پوي ٿي.

ان فلسفي ۾ انسان پاڻ فطرت جو حصو نٿو رهي پر فطرت جي قوتن جي هٿن ۾ فقط ڪو رانديڪو بڻجي پوي ٿو. مثال لاءِ 'اوڊيسيءَ' جو اهو اجگر کڻي سگهجي ٿو جيڪو سامونڊي جابلو علائقي ۾ رهي ٿو ۽ اوڊيسيس ۽ سندس سائين تي حملو ڪري ٿو. ان اجگر جي سورچي مان بچي نڪرڻ اوتروئي محال هو جيترو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ رهندڙ مانگرمڇ کان بچڻ ناممڪن هو. اوڊيسيءَ ڪي ان سورچي وٽان لنگهڻو ئي هو چاڪاڻ ته ديوتائن يا جدلياتي سگهن جي ٽڪراءُ ۾ اها جاءِ Point اچڻي هئي. هن جاءِ تي نظر آيو ته هومر جا پيڙيا تا ان اجگر کي مارڻ جو تصور به نٿا ڪن، پر پنهنجو پاڻ کي ڪنهن به ريت ان هنڌان جلد نڪري بچائڻ گهرن ٿا. ان ڪهري واقعي ۾ صرف اوڊيسي بچي ٿو چاڪاڻ ته ايٿينا ديويءَ پوسيڊن جي قهر کان اوڊيسيس کي بچائڻ جو چڻ ته ذمو کنيو هو. ڪائنات جي انسان دشمن سگهه يعني اهو 'اجگر' پنهنجي جاءِ تي موجود رهيو ڇو ته ان کي مرڻو نه هو. ان کي مارڻ انسان جي وس ۾ ئي ڪونه هو. نه ته دنيا جي سڀ کان طاقتور، ويڙهاڪ، چالاڪ ۽ مستقل مزاج انسان، اوڊيسيس، کان ان کي ڪنهن به ريت ساراڌي سگهي ها! اها ڳالهه هومر جهڙو عظيم استاد پنهنجي هيرو کان ممڪن ڪرائي ٿي سگهيو.

ان جي مقابلي ۾ پڻائي، ڪائنات جي انسان دشمن سگهه کي پنهنجي هيرو جي هٿان مارايو ۽ دنيا کي ان عذاب کان نجات ڏياري. (يا نجات جو رستو ڏيکاريو.)

هيمنگوي، انسان کي سمنڊ (ڪائنات) جي طاقتن سان ويڙهايو ۽ انسان کي فتح ڏياري. هيمنگوي جو انسان تمام سگهارو آهي. هو باقاعدي تياري ڪري سمنڊ ۾ پنهنجي ننڍڙي ٻيڙي لاهي ٿو. ايتري ننڍڙي جو قاتل وهيل مڇي ڪيس ٿي ڏينهن ۽ راتيون لڳاتار سمنڊ ۾ گهليندي رهي ٿي. هيءَ ماڻهو ۽ فطرت جي ٽڪائيندڙ ويڙهه هئي جنهن ۾ ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ ويٺل پوڙهو انسان ننڊن اوجاڳن ۽ گهٽ سگهه جي باوجود منجهانئس هٿ نٿو ڪڍي. انسان جي اڪيلي سر جنگ، سمنڊ ۾، سمنڊ جيڪو انسان تي مهربان به آهي ۽ وحشي سگهن جي پناهه گاهه به آهي.

# شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت

شاهنواز سوڍر

برصغير ۾، خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي علائقن ۾ صوفين، عارفن ۽ درويشن جي ڪمي ڪانه رهي آهي. هرهنڌ ۽ هرڪنهن وستيءَ ۾ سندن مزارون ۽ خانقاهون، سندن تعليم، تدريس ۽ انسانيت کي اجارڻ جي شهادت پيش ڪري رهيون آهن. وقت جي نااهل ۽ بي قدر شوم بختن کان تنگ ٿي مُنهن موڙي وڃي آرامي ٿيا، پر تڏهن به مصيبت جي مارين ۽ سماج جي ستايلن لاءِ اڄ به سندن مزارون اميدن ۽ آرزن جا اهڃاڻ آهن. لکين سوالي درگاهن تي اڄ به اچي سلامي ڀرين ٿا.

"ساري رات سُبحانُ، جاڳيي جن ياد ڪيو،
آن جـي عبداللطيف چئي، ميڙيءَ لڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جـي."

افسوس آهي ته اسان انهن بزرگن ۽ عارفن جو اڌورو قدر ڪيو آهي. سندن تعليم، تدريس ۽ جدوجهد جو پورو قدر نه ڪيو آهي. ڪن عالمن ۽ بزرگن، جيڪڏهن صوفي درويشن ۽ عارفن جي تعليم ۽ تدريس، جيڪا هنن پنهنجي ڪلام جي وسيلي انسان جي ڀلائيءَ خاطر پکيڙي، ان جي به رڳو هڪ پهلوءَ تي لکيو آهي. يعني رڳو تصوف جي ڪن نڪتن کي قلم هيٺ آندو ويو آهي. هر سماج ۾ ٿيندڙ بي راهه روي، معاشي بدحالي، واپار ۽ تجارت ۾ ٿيندڙ ڪمپنيائي يا ٻورهئي جي استحصاليءَ جو ڪجهه انهن عارفن ۽ عالمن محسوس ڪيو ۽ انهن جي اسبابن جي جيڪا نشاندهي پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪئي آهي، انهن سڀني نڪتن کان ڪناره ڪشي ڪئي وئي آهي. اسان کي فراخدليءَ سان اهو سوچڻ کپي ته جيڪي عارف ۽ صوفي بزرگ تصوف جا باريڪ نڪتا سمجهائي سگهيا پئي، انسان کي سندس عظمت جو احساس ڏياري سگهيا پئي، اهي معاشري جي هر وٿ کان باخبر به ٿي سگهيا پئي. پوءِ اها وٿ، چاهي مسڪين جي مُنهن ۾ لسيءَ جي وَٽي سان جوئر ۽ ٻاجهر جي مانيءَ جي مهمان نوازي هجي يا ڪنهن حاڪم جي ڪوٽ ۾ ڪنهن معصوم نياڻيءَ جي آهن جي صدا هجي.

وڏائي ماڻڪن سان ڪئي ٿو، جو اڄ تائين اقتصاديات جي ڪنهن به ماهر اهو قدر پورهيت جو نه ڪيو آهي. هن مان اهو واضح آهي ته شاهه صاحب ڪي هنرمندن، پورهيتن ۽ ڪاريگرن جي پورهئي سان پريت هئي. نه رڳو اهو پر پنهنجي ملڪي معيشت سان به انتهائي محبت هيس. هو پنهنجي ڪنهن ملڪي هنرمند ڪي جڏهن ڪاهل ۽ سست ٿو ڏسي ته کيس تنبيهه ڪندي فرمائي ٿو:

"سون ساريڪا هٿڙا، ڪوه نه ڪتين رڏ؟
ويهي ڪنبڪاپو ڪر، ڪُتون گوهيون چڏ،
ته صرافائي سڏ، مرڪيو هند مڻائين!"

(ڪاپائتي ١ ١٢)

شاهه صاحب ان ڳالهه کان بخوبي واقف هيو ته سنڌس ملڪي صنعت جي ٻاهرين ملڪن ۾ ڪيتري قدر کپت هئي ۽ ملڪ کي ان مان ڪيترو فائدو حاصل ٿي سگهيو پئي. انهيءَ صنعت ۽ تجارت جي ڪري سنڌ ملڪ ديسان ديس مشهور هو. انڪري شاهه صاحب واپار جي افاديت کي مد-نظر رکندي اسان کي ٻڌايو:

"وتو يمي جوجي لهين، ته پي ڪارنه ڪرين ڪا،
سا پروڙج ڳالڙي، وڻجارن وٽان،
موتي جن هٽان، آندءِ گهٽي ادب سين."

(سريراڳ-٤-٦)

سترهين صدي جي آخر ۽ ارڙهين صدي عيسوي جي پهرين اڌ ۾، سنڌ جي ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت جيڪا شهرت حاصل ڪئي هئي، ان متعلق سورلي-ايچ-ٽي (Sorley. H.T.) لکي ٿو:

"ماضيءَ ۾ سنڌ جي گهرو صنعت تحت جيڪو عمدو ڪپڙو ۽ نفيس ڪپڙو ٺهندو هو، ان ٻاهرين سياحن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. خصوصاً، سورهين، سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ جي پهرين اڌ ۾، جڏهن سنڌي ڪپڙي جي پيداواري صلاحيت عروج کي پهتل هئي. هن ڪپڙي جي ايشيا کان ٻاهر ضرورت محسوس ڪئي وئي. سچ ته ايسٽ انڊيا ڪمپني (١٦٣٥ع) انهيءَ ٺي مال خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪوٺي ٺٽي ۾ کولي هئي. ته جيئن سنڌ مان سوٽي ڪپڙو خريد ڪري ۽ سمنڊ پار ملڪن ۾ وڪرو ڪري سگهجي"(١).

---

(1) Sorley H.T. "The Gazetteer of Sind province, Lahore" 1960. p. 281

مگر، انگريزن جي اچڻ کان اڳ اهو واپار سنڌ جا وڻجارا دنيا جي ڏورانهن ملڪن سان ڪندا هئا. تاريخ جي ورق گرداني اها شاهدي ڏئي ٿي تہ سنڌ جي ساحلي بندرن تان تقريباً دنيا جي هر علائقي ڏانهن واپاري ٻيڙا مال سان ڀرجي ويندا هئا. ۽ خاص ڪري عرب ملڪن جا ساحلي بندر بہ خاص سنڌي ٻيڙن ۽ واپارين جا مرڪز هئا.

جنرل هيگ (G. Haig) لکي ٿو:

> "عرب ممالڪ جي بندرن تي عيسوي صدي شروع ٿيڻ کان ڇهہ سؤ ورهہ اڳ سنڌ جا واپاري، ٻيڙا ڀري ايندا هئا. جن جي شهرت يونان تائين پهتي هئي- ۽ اهو ئي سبب هيو، جو سڪندر يوناني هندستان تي حملو ڪيو" (١).

اليگزينڊر هيملٽن (Alexander Hemilton) ١٦٩٩ع ۾ سنڌ ۾ واپار لاءِ آيو هو، ۽ انهن ڏينهن ۾ شاهہ صاحب ڏهن ورهين جو هيو. هن لاهري بندر تي ڪيترائي بحري واپاري ٻيڙا ڏٺا ۽ جن کان هو تمام گهڻو متاثر ٿيو. اهي ٻيڙا ٻہ سؤ ٽن وزني مال کڻي ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندا هئا(٢).

شاهہ صاحب جي ڪلام مان بہ اسان کي انهيءَ تاريخي تجارت جو پتو پوي ٿو، تہ سنڌ جي ساحلن تان ٻاهرين ملڪن ڏانهن واپاري ٻيڙا مال کڻي روانا ٿيندا هئا.

هيٺين بيت ۾ شاهہ صاحب اهڙن واپارين جو اکين ڏٺو حال ٻڌائي ٿو، جيڪي سري لنڪا لاءِ ٻيڙا ڀري هليا:

> "لنڪا لنڪا ڪن، لاءِ لنڪا جي اوهرٺا،
> سٿي سونُ لنڪا جو، سڳ نہ سامنڊين،
> پره ٻڌُگہ چوڙا، ڪاري ڪيرائن،
> وڏي ڀاڳ ٻڙن، جي ڪهيا ڪارُ نِيارَ ڏي."
>
> (سامونڊي-٣-١٠)

هن بيت جي ڪيفيت مان واضح ٿو ٿئي تہ شاهہ صاحب سنڌ جي سامونڊي بندرن تي وڏي غور ۽ فڪر سان سنڌ جي تجارت جو مطالعو ڪيو آهي. اهو ئي زندگيءَ جو وسيع تجربو ۽ مشاهدو پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو اٿس. هو رڳو صوفي درويش ۽ شاعر نہ هو، پر تجارت ۾ صنعت جي اهميت کان بہ مڪمل طرح واقف هو.

---

(1) Haig Maj: Gen: "The Indus Delta Country" p. 25

(2) "Mari Walla C. L. History of Commerce of Sind" Institute of Sindhology, University of Sind: Jamshoro, 1981, p. 4

هيون. معاشري جو جاگيرداراڻو نظام ملڪ جي ترقيءَ جي راهه ۾ زبردست رڪاوٽ هيو. انهيءَ جي ڪري محنت ڪش هاري توڙي ننڍا ڪاريگر نه ته پنهنجي پورهئي ۽ هنر سان محنت پيا ڪن ۽ نه ئي منجهن ڪا دلچسپي رهي هئي. هو صبح کان شام تائين لوڙڻ جي باوجود غربت ۽ افلاس جي زندگي گذارڻ تي مجبور هئا"(۱).

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو هڪ ملازم اسپلر (Spiller) لکي ٿو:

"ماڻهو ايتري قدر پيڙيل آهن ۽ ڪين ايتري قدر غربت ۽ مفلسيءَ ۾ رکيو ويو آهي، جو باوجود زمين زرخيز هجڻ جي، جو هو ٿوري به محنت ڪندا ته نير جو فصل تمام جهجهو ۽ بهترين قسم جو اپائي سگهندا، ليڪن مسلسل نامحروميءَ ۽ ظلم جي ڪري هنن ۾ ڪا به خواهش باقي نه رهي آهي. نه ئي حڪومت جي طرفان ڪا اوزارن جي لاءِ امداد يا همت افزائيءَ جي ڪا اميد نظر اچي ٿي، انڪري هو ڪيتيءَ ۽ هارپ کان نا اميد ٿي پيا آهن"(۲).

شاهه صاحب پڻ پنهنجي ڪلام ۾ ڪاريگرن جي نا اميد هجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي:

"ڪتي ڪتي ڪال، اڄ نه آتڻ آئيون،
ارٽ ڏوڪي مال، پوري ويون نيڄهرا."
(ڪاپائتي- ۱- ۲۴)

سنڌ جي صنعت جي زوال ۾ ٻاهرين حملي آورن جو به وڏو ڪردار هو. مقامي حاڪم ڪمزور هجڻ جي ڪري، پاڻ کي ڌارين جي وڏين چٽين ۾ ڦاسائي وجهندا هئا. ۽ اهي چٽيون ملڪ جا صنعتڪار ۽ واپاري ادا ڪندا هئا.

سورلي جي تحقيق موجب: "ميان نور محمد جي ڏينهن ۾ نادرشاهه جي ڏن جي رقم، جيڪا ويهه لک روپيا ساليانو مقرر ٿيل هئي، اها ٺٽي جا صنعتڪار ادا ڪندا هئا"(۳). اهڙين حالتن جي ڪري، ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن واپار ويو پوئتي پوندو صنعت، تنزل ڏانهن تيزيءَ سان پهچندي وئي.

سر چارلس نيپئر (Sir Charles Napier) جڏهن سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن هن سنڌ جي واپار ۽ صنعت جي حالت کي ڏسندي لکيو ته: "جيڪڏهن ڪنهن مهذب ماڻهوءَ کان اهو پڇيو وڃي ته سنڌ جي حڪومت تنهنجي حوالي ڪئي وڃي، ته تون ڇا ڪندين؟ يقيناً هن جو جواب اهو هوندو ته: "مان سنڌو درياهه کي مقرر

---

(۱) مبارڪ علي، ڊاڪٽر: "تاريخ سنڌ" مغل دور حڪومت" (اردو) حوالو ڏنل- ص: ۶۳

(2) Reference No: 1, p. 89

(3) Sorley H.T "Shah Abdul latif of Bhit" London 1940, P 36

ڪيل محصولن جي آزار کان آزاد ڪندس، مڪر کي بندر بنائيندس، ڪراچيءَ کي
آزاد تجارتي بندر (Free port) ڪندس، شڪارپور کي ڏاڙيلن جي آزار کان نجات
ڏيندس، ۽ دريائي سنڌ جي ڪناري سان هڪ خشڪيءَ جو رستو تيار ڪندس" (۱).

مگر افسوس جو ڪلهوڙا ۽ مغل حاڪم، سنڌ جهڙي تجارتي ملڪ کي، جيڪو
سموري دنيا ۾ شهرت جو مالڪ هو، تجارتي ترقي ته نه ڏياري سگهيا، پر جيڪا
عوامي سطح تي ملڪ (Public Sector) ترقي ڪئي هئي، اها به ختم ڪري ويا.

هن مٿين تاريخي معلومات جي شهادت اسان کي اهو واضح ثبوت پيش ڪري ٿي
ته شاهه صاحب جي آخري وقت ۾ ملڪ جي صنعت ۽ حرفت خاص ڪري ڪپڙي
جي صنعت ۾ زوال اچي چڪو هو. شاهه صاحب حساس دل هو، انساني شعور رکندڙ
هو، مگر هو شاعر هو، هن جو ڪجهه ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، شاعريءَ جي دامن ۾
اسان لاءِ محفوظ ڪري ويو آهي.



1- Aitken "gazetteer of Sind provrince" p. 366-67